آن لائين

# ڪاوش

# دنيا

آچر 15 مارچ 2026ع

www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya


**ايران خلاف جنگ جي ميدان تي لٿل آمريڪا ۽ اسرائيل**

## ’سَر ۾ پڪي هيڪڙو پاڙهيري پنجاهه‘

- ڀٽائي



**هن پرچي جا ليکڪ:**


- اياز گل
- نصير مرزا
- ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو
- حميده ميربحر
- روبينه ابڙو
- مرلي ڌر
- فقير محمد ڍول
- شوڪت لوهار
- صراط گوهر دائودپوٽو
- وسيع الدين جوڻيجو
- دولت رام ڪتري
- عباس جنگواڻي
- صوفي ذوالفقار علي جانوري


**شاعري:**


- سائل پيرزادو
- معشوق ڌاريجو
- امر پيرزادو
- مير حاجن مير
- اسير اياز چنه
- فقير محمد سنڌي
- جلال شيخ
- عابد انجم مهيسر
- ڊاڪٽر سريش هوتچنداڻي

### ايران خلاف جنگ جي ميدان تي لٿل آمريڪا ۽ اسرائيل

# ايران سان جنگ: وڏيڪ نقصان آمريڪا جو ئي ٿي رهيو آهي

الهه بخش راڻوڙ

ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ سموري وچ اوڀر کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هڪ طرف ايران کي سياسي، فوجي ۽ معاشي لحاظ کان مات ڏيڻ لاءِ زوردار حملا ڪيا پيا وڃن، جنهن سان ايران جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي، ته ٻئي طرف ايران علائقي جي اڌ درجن ملڪن ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻائي، جنگ کي ڦهلائي ڇڏيو آهي. هن جنگ کان رڳو ايران متاثر نه ٿي رهيو آهي، پر دنيا جا سمورا ملڪ، جن جي معاشي ترقي جو دارومدار تيل ۽ گيس تي آهي، اهي به وڏي پيماني تي متاثر ٿي رهيا آهن.

چين ۽ روس ايران جا فوجي مددگار هجڻ سان گڏ پنهنجي جديد ٽيڪنالوجي ذريعي آمريڪا کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري رهيا آهن. روس جي حڪمت عمليءَ جي نتيجي ۾ آمريڪي صدر ٽرمپ، روسي صدر پيوٽن سان فون تي ڳالهايو، جنهن بعد روس جي تيل تي لاڳو آمريڪي پابندين ۾ نرمي ڪئي وئي. جيڪڏهن معاشي طور تي هن جنگ مان ڪنهن کي فائدو پهتو آهي ته اهو روس آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن جي نتيجي ۾ ايران جي پهرين صف جي قيادت شهيد ٿي وئي آهي، جنهن ۾ سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي کان وٺي اهم فوجي ڪمانڊر شامل آهن. ان سان گڏ هن جنگ ۾ ٽنهي ملڪن (آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران) کي معاشي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي، پر سڀني کان وڏيڪ نقصان آمريڪا کي ٿي رهيو آهي. هيل تائين ان حوالي سان آمريڪا جي نقصان بابت

> آمريڪا جي بچاءَ واري وزارت آمريڪي ڪانگريس ۾ پيش ڪيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته، ايران تي ڇهن ڏينهن جي حملن دوران آمريڪا کي 11.3 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو، جيڪو هاڻ 16 ارب ڊالرن کان وڌي ويو آهي. رپورٽ مطابق آمريڪا کي هٿيار ۽ بارود جي استعمال تي 5 ارب 60 ڪروڙ ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي. سينٽر آف اسٽريٽجڪ اينڊ انٽرنيشنل اسٽڊيز (سي ايس آءِ ايس) جي اندازي مطابق آمريڪا ۽ اسرائيل کي ڪاٿي کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ نقصان ٿيو آهي.

ڪانگريس کي هڪ رپورٽ پيش ڪئي وئي آهي، جيڪا اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي.

آمريڪا جي بچاءَ واري وزارت آمريڪي ڪانگريس ۾ پيش ڪيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته، ايران تي ڇهن ڏينهن جي حملن دوران آمريڪا کي 11.3 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو، جيڪو هاڻ 16 ارب ڊالرن کان وڌي ويو آهي. رپورٽ مطابق آمريڪا کي هٿيار ۽ بارود جي استعمال تي 5 ارب 60 ڪروڙ ڊالر جو نقصان ٿيو آهي. سينٽر آف اسٽريٽجڪ اينڊ انٽرنيشنل اسٽڊيز (سي ايس آءِ ايس) جي اندازي مطابق آمريڪا ۽ اسرائيل کي ڪاٿي کان ڪيترائي ڀيرا وڏيڪ نقصان ٿيو آهي.

رپورٽ مطابق نقصان جو اهو ڪاٿو شروعاتي 100 ڪلاڪن دوران آيل خرچ تي لڳايو ويو. سي ايس آءِ ايس مطابق آمريڪا کي ايندڙ ڏينهن ۾ هٿيارن جي ذخيرن ۾ گهٽتائيءَ سبب ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. آمريڪا کي يوڪرين ۽ بحرالڪاهل جي ملڪن ۾ فوجي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اينديون.

ٻئي طرف رپورٽس مطابق، آمريڪي فوجي اڏن کي ايران جي پهچايل نقصان جا انگ اکر ڪٿي به موجود ناهن، نه ئي وري وائيٽ هائوس کان پينٽاگون تائين ڪنهن انهن جو ڪاٿو لڳايو آهي.

دنيا جي فوجي ماهرن جو خيال آهي ته، آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ فوجي ڇڪتاڻ ۽ حملن جي نتيجي ۾ آمريڪا کي مالي، معاشي ۽ فوجي سطح تي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي ۽ ان جي خرچن ۾ اضافو ٿيو آهي. جيتوڻيڪ هيءَ مڪمل جنگ ناهي، ان باوجود هيءَ دنيا جي مهانگي جنگ تصور ڪئي وڃي پئي. ماهرن مطابق جنگ جي پهرئين 100 ڪلاڪن دوران آمريڪا کي اٽڪل 4 ارب ڊالرن جو خرچ ڪرڻو پيو، جيڪو خرچ 10 ڏينهن ۾ 11 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو. آمريڪا کي سراسري طور تي روزانو هڪ ارب ڊالرن کان وڏيڪ هن جنگ تي خرچ ڪرڻو پئجي رهيو آهي.

ماهرن مطابق آمريڪا ٿام هاڪ ميزائلن تي اٽڪل 20 کان 30 ڪروڙ ڊالر خرچ ڪري پيو. جنگي جهازن جي اڏامن ۽ ٻارڻ، سامونڊي ٻيڙي، ميزائل جي دفاعي نظام، فوجي اڏن جي حفاظت ۽ آپريشنز تي پڻ ان جو وڏو خرچ ٿي رهيو آهي.

آمريڪي فوجي اڏن تي ايران جي حملن جي نتيجي ۾ آمريڪا جي فوجي سازوسامان کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي. نقصان جو اهو ڪاٿو اڍائي ارب ڊالرن تائين آهي. ايران، آمريڪا جي قطر ۾ موجود فوجي اڏي العبيد تي حملو ڪري ان جي ريڊار سسٽم کي تباهه ڪري 1.1 ارب ڊالرن جو نقصان ڪيو. ايران جي ميزائل حملن ۾ آمريڪا جي ڊرون، ريڊار ۽ مواصلاتي سسٽم کي به تباهه يا متاثر ڪيو ويو آهي.

ايران سان جنگ جي نتيجي ۾ سموري دنيا کي معاشي نقصان به برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. نار يا وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ سبب تيل جي قيمتن ۾ واڌارو ٿيو آهي. شط العرب ۾ حملن جي خطري سبب عالمي واپار ۽ توانائي جي رسد متاثر ٿي آهي. آمريڪا جي ڌمڪين جي باوجود ايراني نيوي تيل جي فراهميءَ جي ان لنگهه کي نه کوليو آهي. آمريڪا، دنيا جي ٻين علائقن ۾ فوجي خرچ واري رقم کي وچ اوڀر ڏانهن منتقل ڪري رهيو آهي. ان سان آمريڪا جي ڊگهي پيماني تي فوجي طاقت تي ناڪاري اثر پوندا.

**هينئر تائين ايران، آمريڪا کي ڪيترو فوجي نقصان پهچايو آهي؟**

ايراني حملن ۾ آمريڪي فوجي اڏن ۽ فوجي نظام کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي. وچ اوڀر ۾ ايران جي حملن ۾ آمريڪا جي گهٽ ۾ گهٽ 17 فوجي ٺڪاڻن کي نقصان پهتو. سڀني کان وڏو حملو قطر ۾ ڪيو ويو، جتي آمريڪي فوجي اڏي کي سخت نقصان پهتو. اهي خبرون به آهن ته، مختلف حملن ۾ آمريڪي فوجي سازوسامان کي ايران اٽڪل 2 ارب ڊالرن جو نقصان پهچايو آهي. ايران، ڪويت ۾ فوجي ڪارروائي ڪندي ٽن آمريڪي فوجي جهازن کي نقصان پهچايو، جتي 5 آمريڪي فوجي به ماريا ويا، ۽ 100 جي لڳ ڀڳ زخمي ٿيا.

ايران، بحرين ۾ آمريڪي فوجي هيڊ ڪوارٽرز تي حملو ڪري ان جي پنجين ٻيڙي کي نقصان پهچايو. ان سان گڏ گڏيل عرب امارتن ۽ سعودي عرب ۾ به آمريڪي فوجي اڏن کي نقصان پهچائي ايران آمريڪا جي لاءِ مشڪل صورتحال کي جنم ڏنو آهي.


www.wnycstudios.org

آمريڪا ۽ اسرائيل سان جنگ دوران ايران کي به تمام گهڻو جاني، معاشي ۽ فوجي نقصان ٿيو آهي. هڪ اطلاع مطابق ايران جا 14 سئو شهري شهيد ٿي چڪا آهن، جن ۾ اسڪولن جون معصوم ٻارڙيون به شامل آهن. اسرائيل جي دعويٰ آهي ته اُن ايران جي سوين ميزائل لانچرز ۽ فوجي اڏن کي تباهه ڪيو ۽ هزارين فوجي ٽارگيٽس کي نقصان پهچايو آهي. آمريڪا ايران جي خارگ آئليند کي نشانو بڻايو، جتان دنيا کي تيل ايڪسپورٽ ڪيو ويندو آهي. انهن حملن سان تيل جي ذخيرن ۽ دفاعي جاين کي به سخت نقصان پهتو. آمريڪي صدر ٽرمپ ته اها به دعويٰ ڪئي ته ايران جي تيل واري علائقي تي قبضو ڪيو ويو آهي.

ٻئي طرف ايران، اسرائيل کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي ۽ اُن جي اڪثر شهرين کي بنڪرز ۾ منتقل ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي، پر عالمي ميڊيا اسرائيل جي تباهيءَ جا مڪمل انگ اکر ظاهر نه پئي ڪري. ايران جو چوڻ آهي ته، اسرائيل جي ميزائل دفاعي نظام تي روزانو حملا ڪري ان کي ڪروڙين ڊالرن جو نقصان پهچائي رهيو آهي. ان سان اسرائيل جي جاني نقصان جي دعويٰ به ڪئي پئي وڃي. دنيا جي فوجي ماهرن جو خيال آهي ته ايران جي حملن سان اسرائيل ۾ سيڪيورٽي خدشا ۽ خوف وڌيو آهي.

**اسرائيل،ايران کي ڪيترو نقصان پهچايو آهي؟**

اسرائيل جي حملن سبب ايران کي تمام گهڻو فوجي، معاشي ۽ انساني جانين جو نقصان ٿيو آهي. اسرائيل سائبر آپريشنز ۽ حساس فوجي هنڌن کي به نشانو بڻايو آهي. ايران جي ڪيترين ئي ميزائل لانچنگ سائيٽس کي به تباهه ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ان جي فضائي دفاعي نظام کي به تباهه يا غير فعال ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ايران جي فوجي اڏن ۽ گودامن کي به نقصان پهچايو ويو آهي. اسرائيلي فضائي حملا گهڻو ڪري اسلامڪ ريوليوشنري گارڊز ڪور تي ڪيا ويا آهن. اعليٰ فوجي آفيسرن ۽ سائنسدانن کي به نقصان پهچايو ويو آهي.

هن جنگ مان اهو سبق حاصل ڪري سگهجي ٿو ته، ڪو به ملڪ جنگي نقصان کان بچي نٿو سگهي. آمريڪا، جنهن انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي، ان جي جنگ، صرف وچ اوڀر جي نه، پر دنيا جي ڪيترن ئي علائقن جي اسٽريٽجڪ صورتحال تبديل ڪري ڇڏي آهي. مستقبل ۾ ڪو به ملڪ جنگ شروع ڪرڻ کان پهريان سئو ڀيرا سوچيندو. هن جنگ سان ايران اندر حڪومتي تبديلي اچي ٿي يا نه، پر آمريڪا کي ٻڌايو ويو آهي ته، جنگ وسيلن سان نه پر فوجي حڪمت عملي سان وڙهي ويندي آهي.

**ايران سان جنگ ۾ آمريڪا جا اتحادي ۽ حامي ملڪ**

ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن جي نتيجي ۾ دنيا ڄڻ ته ٻن بلاڪن ۾ ورهائجي وئي آهي. ڪي اهڙا ملڪ آهن، جيڪي اڻ ڌريا آهن ۽ اهي تڪرار جو سفارتي حل چاهين ٿا.

ايران جي سياسي، سفارتي ۽ لڪ ڇپ ۾ فوجي مدد ڪندڙ ملڪن ۾ روس، چين، عراق، لبنان جي حزب الله ۽ شام جا ويڙهاڪ گروپ، يمن جا حوثي باغي ۽ ٻيا شامل آهن.

آمريڪا ۽ اسرائيل جي حمايت ڪندڙ فرانس، جرمني، سعودي عرب، گڏيل عرب امارتون ۽ بحرين شامل آهن. انهن مان ڪجهه ملڪ ايران تي حملن جي مخالفت ڪن ٿا. ايران وچ اوڀر جي مسلمان ملڪن کي ٻڌايو آهي ته، جيڪڏهن اهي آمريڪي مفادن جي حمايت ڪندا ته ايران سندن ملڪن ۾ موجود آمريڪي اڏن کي ٻيهر نشانو بڻائيندو.

اڻ ڌرين ملڪن ۾ ترڪي سڀني کان اڳڀان آهي. اهي سفارتي حل چاهين ٿا. پاڪستان، قطر ۽ ڀارت به سفارتي حل جا حامي آهن. اها ڳالهه به واضح ٿي وئي آهي ته آمريڪا ماضيءَ ۾ جن اتحادين خاص ڪري يورپي ملڪن سان گڏجي جنگ وڙهندو هو، هاڻ اهي ملڪ آمريڪا جي کليل مخالفت ڪري رهيا آهن، جن ۾ ڪينيڊا ته واضح طور تي چيو آهي ته، اهو آمريڪا جي جنگ نه وڙهندو. ساڳي صورتحال نيٽو ۾ شامل ملڪن جي آهي.

يورپي ملڪ سمجهن ٿا ته اهي آمريڪي صدر ٽرمپ جي جنگي مهمن جو حصو نه ٿيندا. گرين لينڊ تي آمريڪي حملي جي ڌمڪين يورپ کي هوشيار ڪري ڇڏيو آهي.

**آمريڪا روسي تيل تان عارضي پابنديون ختم ڪري ڇڏيون**

ٽرمپ انتظاميا هڪ نئون لائسنس جاري ڪيو آهي، جنهن تحت دنيا جي ملڪن کي عارضي طور تي مخصوص روسي تيل جي خريداريءَ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. اهو فيصلو اهڙي وقت تي ڪيو ويو، جڏهن پهريون ڀيرو آگسٽ 2022 کانپوءِ ايران سان جنگ سبب، تيل جو بيرل 100 ڊالرن کان وڌي ويو هو. روس جيڪو دنيا جو تيل ايڪسپورٽ ڪندڙ وڏو ملڪ آهي، جنهن تي انڪري پابنديون لاڳو ڪيون ويون هيون، ته روس جون ڪمپنيون گهٽ تيل وڪرو ڪن، ڇاڪاڻ ته ان سان يوڪرين ۾ روسي جنگ کي فائدو پهچي رهيو هو.

آمريڪا جي خزاني جي وزارت روسي تيل جي خريداريءَ جي اجازت اهڙي وقت ۾ ڏني آهي، جڏهن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو تيل شط العرب بند هجڻ سبب سمنڊ ۾ ڦاٿل آهي. اهو قدم ان تيل تي لاڳو ٿئي ٿو، جيڪو پهريان ئي سفر ۾ آهي.

آمريڪي ٽيليويزن سي اين اين جو چوڻ آهي ته آمريڪا، ڀارتي ريفائنري کي 30 ڏينهن جي رعايت ڏني هئي، جيئن اهي سمنڊ ۾ ڦاٿل روسي تيل خريد ڪري سگهن. ■

پاڪستان ۾ يوريا ۽ پاڻ جي کوٽ ٿيندي، جنهن سان خريف جا فصل متاثر ٿيندا

# ايران تي مڙهيل جنگ سبب پاڪستان ۾ پيدا ٿيل معاشي بحران



پروفيسر ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو



ايران سان آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ نه رڳو عالمي برادريءَ کي امن ۽ امان جي حوالي سان ڳڻتيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، پر پاڪستان ۾ ته وڏو معاشي بحران ڪر کڻي رهيو آهي. پيٽرول جي اڳهن ۾ ڪيل اوچتي اضافي عوام لاءِ گهڻي پريشانيءَ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. يڪدم 55 روپين جي اضافي سان نه رڳو ٽرانسپورٽرس ڀاڙن ۾ واڌ ڪئي، پر روزانو عام واهپي وارين ضروري شين جا اگهه به وڌيڪ ٿي ويا آهن. ملڪ اڳ ۾ ئي معاشي ترقيءَ جي حوالي سان گهٽو پوئتي پيل آهي. اسان جو اقتصادي واڌارو (growth) سراسري 3.5 سيڪڙو آهي. هاڻوڪي تيل جي اضافي ڪانپوءِ هاڻ صورتحال اها آهي ته اهو گروٿ ريٽ گهٽجي 2.5 سيڪڙو ٿيڻ جو امڪان آهي.

تيل جي قيمتن اضافي نه رڳو خوراڪ ۽ ڀاڙن جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو آهي، پر ماهرن جو چوڻ آهي ته ان سان مهانگائي يعني انفليشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو تائين اضافو ٿي سگهي ٿو . جنهن سان وري پاڪستان جي مرڪزي اسٽيٽ بينڪ کي وياج جا ريٽ تبديل ڪرڻا پوندا ۽ معاشي عمل ويتر سست ٿيندو. ان سان گڏ سرڪاري انگن اکرن موجب، انتهائي غربت سَٽيل 29 سيڪڙو عوام ۾ به اضافو ٿيندو، نتيجي ۾ بنهه غربت جو شڪار خلقِ خدا جو 29 سيڪڙو کان به وڌيڪ تعداد ٿي ويندو.

اهڙي صورتحال ۾ سرڪار پاران وڌيڪ بهتر حڪمت عملي جوڙڻ ڪانسواءِ مٿي ڄاڻايل بنهه خطرناڪ صورتحال مان نڪرڻ ممڪن ڪونهي. هاڻوڪي صورتحال ۾ تيل سان گڏ يوريا ڀاڻ جي کوٽ پڻ عالمي ليول تي پيدا ٿي ويئي آهي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ پريشان آهن ته، جيڪڏهن ايران سان جنگ وارو گهوٽالو جلد حل نه ٿيو ته، وقت سر فصل ڪاهي نه سگهبا، نه وري بروقت ڀاڻ جو پورائو ڪري سگهبو.

ايران واري جنگ جي ڪري ساموندي رستي سان ٿيندڙ واپار به شديد متاثر ٿيو آهي، جنهن ڪري گهڻا ملڪ، جيڪي زرعي پيداوار لاءِ مختلف ڀاڻ ٻين ملڪن کان گهرائيندا هئا، تن کي به زرعي اپت جي حوالي سان ڳڻتي آهي. ان حوالي سان سنڌ ۾ به گهڻي پريشاني آهي ۽ عوام جي اهنجن ۾ اضافو پيو ٿئي.

هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سرڪار پنهنجا غير ترقياتي شاهي خرچ فوري طوري بند ڪري ۽ عوام تي واڌو ڪابه سڌي يا اڻسڌي ٽيڪس نه لڳائي، ڇاڪاڻ جو عوام اڳ ۾ ئي گهڻي ٽيڪس ۽ مهانگائيءَ جي بارَ هيٺان دٻيل آهي.

شل عالمي سطح تي امن واريون حالتون جلد بحال ٿين ۽ وطن جلد وري سکيو ستابو ۽ پرامن ٿئي. ■

هاڻوڪي صورتحال ۾ تيل سان گڏ يوريا ڀاڻ جي کوٽ پڻ عالمي سطح تي پيدا ٿي ويئي آهي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ پريشان آهن ته، جيڪڏهن ايران سان جنگ وارو گهوٽالو جلد حل نه ٿيو ته، وقت سر فصل ڪاهي نه سگهبا، نه وري بروقت ڀاڻ جو پورائو ڪري سگهبو. ان حوالي سان سنڌ ۾ به گهڻي پريشاني آهي ۽ عوام جي اهنجن ۾ اضافو پيو ٿئي.

| مهينو | پاڪستان ۾ پيٽرول جي قيمت |
|---|---|
| پهرين آڪٽوبر 2025 | 268.68 رپيا |
| 16 آڪٽوبر 2025 | 263.02رپيا |
| پهرين نومبر 2025 | 265.45رپيا |
| 15 نومبر 2025 | 265.45رپيا |
| پهرين ڊسمبر 2025 | 263.45رپيا |
| 16 ڊسمبر 2025 | 263.45رپيا |
| پهرين جنوري 2026 | 253.17رپيا |
| 16 جنوري 2026 | 253.17رپيا |
| پهرين فيبروري 2026 | 253.17 رپيا |
| 16 فيبروري 2026 | 258.17رپيا |
| پهرين مارچ 2026 | 266.17رپيا |
| 7 مارچ 2026 | 321.17رپيا |

# ايران خلاف جنگ: لبناني نقطہ نظر

جومنا حداد



ڏهن سالن کان به وڌيڪ عرصي کان منهنجو پنهنجي ايراني دوست يسنا سان تعلق آهي. سندس تازي پيغام منهنجي روح کي ڌوڏي ڇڏيو. هن لکيو: ”ڇا توهان ان احساس جو تصور ڪري سگهو ٿا ته، اهي بم، جيڪي توهان جي زمين کي تباهه ڪري رهيا آهن، توهان کي آمريت کان آزاد ڪرائي سگهن ٿا؟ بيشڪ، آءٌ تصور ڪري سگهان ٿي، چو ته اسان هتي لبنان ۾ بار بار ائين محسوس ڪيو آهي، پر مون کي ڊپ آهي ته بدقسمتي سان نتيجو شايد اهو نه نڪرندو، جيڪو تون سمجهين ٿي.“

اسان جي هن خطي ۾ جنگيون ڪڏهن به رڳو هڪ ملڪ تائين محدود نه رهيون آهن. ڪن لبنانين لاءِ ايران سان وفاداري هڪ حڪمتِ عملي ۽ عزت جي ڳالهه آهي—اها اسرائيل ۽ آمريڪا جي سامراجي ۽ تسلط خلاف هڪ وسيع مزاحمتي محور جو حصو سمجهي ويندي آهي. ٻين لاءِ، ساڳي وفاداري سياسي غداري جي علامت آهي. انهن جي نظر ۾ اهو ثبوت آهي ته لبنان جو هڪ ڌڙو پنهنجي ملڪ کي غيرملڪي طاقت جي اثر هيٺ ڏئي ڇڏيو آهي ۽ قومي خودمختياري کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي خيال ۾ تهران سان وفاداري جو مطلب آهي لبنان کي اهڙين جنگين ۾ ڌڪڻ، جن سان اسان جو سڌو سنئون ڪو واسطو ئي نه هجي.

انهن ٻنهي نظرين جي وچ ۾ هڪ اهڙو سچ به موجود آهي، جيڪو اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا: هتي حب الوطني به فرقن ۾ ورهائجي وئي آهي.

هر ڌر لاءِ غداري جو مطلب مختلف آهي. هڪ برادري لاءِ جيڪا وفاداري آهي، اها ٻي برادريءَ لاءِ غداري ٿي سگهي ٿي. هڪ لاءِ مزاحمت، ٻئي لاءِ غيرملڪي سرپرستي جي قبوليت آهي. ساڳيو عمل، ساڳيو اتحاد يا ساڳيو نعرو_ ڪن لاءِ بهادري ۽ ڪن لاءِ قومي خودڪشي بڻجي سگهي ٿو. پر حقيقتون نعريبازي کان گهڻو وڌيڪ پيچيده آهن. هن خطي جي تجربي ماڻهن جي ذهنن ۾ آسمان مان ايندڙ آزاديءَ جي واعدن بابت گهرو شڪ پيدا ڪيو آهي. اسان ڪيترين ئي اهڙين جنگين کي ڏٺو آهي، جيڪي آزاديءَ جي نالي تي پيش ڪيون ويون.

افغانستان، جتي طالبان جي خاتمي کان پوءِ نئين جنم جي اميد پيدا ڪئي وئي_ عراق، جنهن کي صدام حسين کان پوءِ آزاد ٿيڻ جو خواب ڏيکاريو ويو_ ليبيا، جتي قذافي جي زوال کان پوءِ هڪ نئين دور جو اعلان ڪيو ويو_ مذهبي يا فوجي آمريتون ته ختم ٿيون، پر انهن جي جاءِ تي افراتفري، قبضا، گهرو ٽڪراءُ ۽ عدم استحڪام پيدا ٿي ويو. هتي ”آزادي“ جو لفظ گهڻو ڪري ڪنڌرن ۾ تبديل ٿيندي نظر آيو آهي.



ان ڪري ماڻهن ۾ اهو شڪ پيدا ٿيو آهي ته جمهوريت ٻاهران کان زبردستي مسلط نٿي ڪري سگهجي. اهو شڪ ڪو نظرياتي يا تعصبي رويو نه آهي؛ اهو تجربي جي پيداوار آهي. اهو هن خطي جي گڏيل يادگيري جو حصو آهي، جنهن کي بار بار ”نجات“ ڏيارڻ جا واعدا ڪيا ويا، پر آخرڪار اهي وعدا ڪندڙ غائب ٿي ويا_ پويان ٽُٽل ملڪ ۽ ٿڪل عوام ڇڏي.

لبنان ان حقيقت کي تمام چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. 1975ع کان 1990ع تائين جاري رهندڙ گهرو ويڙهه ان جو وڏو مثال آهي. شايد انهيءَ ڪري اسان لاءِ اهو يقين ڪرڻ ڏکيو آهي ته ٻاهرئين مداخلت سان حقيقي آزادي اچي سگهي ٿي.


گهڻا لبناني_ جيتوڻيڪ هن جنگ جو سڌو اثر انهن تي نه به پيو هجي_ پوءِ به خوف محسوس ڪن ٿا ته ڪٿي هڪ نئون جاگرافيائي سياسي زلزلو هن اڳ ۾ ئي نازڪ علائقي کي وڌيڪ نه لوڏي ڇڏي. لبنان ڪڏهن به ٻين جي تڪرارن جي اثرن کان مڪمل طور بچي نه سگهيو آهي. شام جي ويجهي گهرو ويڙهه جو به اسان تي وڏو اثر پيو، جنهن سبب لکين پناهگير هتي اچي رهيا ۽ سياسي طور به اسان ان بحران ۾ ڦاٿا رهياسين.

اهو صرف حزب الله جي ايران سان وفاداري يا ان جي سخت گير رجحان بابت سوال ناهي؛ مسئلو انهن جنگين ۽ حڪمتِ عملين جو به آهي، جيڪي اسان جي سرزمين تي وڙهيون وڃن ٿيون. اڪثر لبنان سان اهڙو سلوڪ ڪيو ويندو آهي، ڄڻ اهو هڪ قرباني ڏيڻ وارو علائقو هجي_ جتي انساني زندگيون صرف ”ضمني نقصان“ جي انگن اکرن ۾ تبديل ٿي وڃن.

2006ع ۾ اسرائيل سان جنگ جو تباهي ڪندڙ اثر اسان اڄا تائين محسوس ڪري رهيا آهيون. لبناني تجربي اسان ۾ هڪ خاص سياسي عادت پيدا ڪئي آهي: سڀني طرفن کان بي اعتمادي. اسان کي انهن علائقائي طاقتن تي بي اعتمادي آهي، جيڪي اسان جي حفاظت جا نعرا هڻن ٿيون، پر اسان کي پنهنجي جنگين جي اڳئين صف ۾ بيهاري ڇڏين ٿيون. اسان کي انهن عالمي طاقتن تي به بي اعتمادي آهي، جيڪي جمهوريت جي ڳالهه ڪن ٿيون، پر پويان تباهيءَ جا ڍير ڇڏي وڃن ٿيون، ۽ خاص طور تي اسان کي ان بيانيي تي بي اعتمادي آهي، جنهن ۾ چيو ويندو آهي ته تاريخ پاڻمرادو انصاف ڏانهن وڌي رهي آهي. ۽ شايد دير يا سوير، منهنجي دوست يسنا به اهو سبق سکي وٺي. ■

### "اورينٽ" ۽ "اوڪسيڊنٽ" جا هٿ ٺوڪيا تصور

# اوڀر ۽ اولهه جا تضاد ۽ ايڊورڊ سعيد جي اڳڪٿي




شوڪت لوهار



تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا لمحا ايندا آهن، جڏهن ڪنهن مفڪر جا لفظ گولن ۽ بمبن جي ڌماڪن کان به وڌيڪ اثرائتا بڻجي ويندا آهن. ڪيئي ڏهاڪا اڳ جڏهن ايڊورڊ ڊبليو سعيد پنهنجي مشهور فڪري نظريي "اورينٽلزم" کي بيان ڪيو هو ته، ڪيترن ماڻهن کي لڳو ته، هو شايد رڳو ادب، ثقافت ۽ علمي روايتن جو جائزو وٺي رهيو آهي، پر وقت جي گذرڻ سان اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته اهو نظريو رڳو ڪتابي بحث نه هو، پر عالمي سياست جي هڪ گهري وضاحت پڻ هو. اڄ دنيا ۾ جيڪي واقعا ٿي رهيا آهن، غزه جون برباد ٿيل گهٽيون، وچ اوڀر جي غير يقيني صورتحال، ۽ ترقي پذير ملڪن ۾ بار بار ٿيندڙ مداخلتون، اهي سڀ ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته سعيد جون ڳالهيون بي سبب نه هيون. اولهه جيڪي دعوائون ڪري ٿو ۽ جيڪو عمل ڪري ٿو، انهن جي وچ ۾ موجود تضاد هاڻي ايترو واضح ٿي ويو آهي، جو ان کي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي.

ايڊورڊ سعيد جو بنيادي دليل اهو هو ته، دنيا صرف جاگرافيائي طور تي ورهايل نه آهي، پر اها خيالن ۽ تصور جي دنيا ۾ به ورهايل آهي. اولهه، دنيا کي ٻن وڏين درجن ۾ ورهايو: "اورينٽ" ۽ "اوڪسيڊنٽ." اورينٽ يعني اوڀر، جنهن کي مغربي تصور ۾ پراسرار، جذباتي، پوئتي پيل ۽ غير عقلي طور پيش ڪيو ويو، جڏهن ته اوڪسيڊنٽ يعني اولهه کي عقلمند، ترقي يافته، روشن خيال ۽ مهذب ڏيکاريو ويو. اها ورهاست ڪنهن معصوم فڪري عمل جو نتيجو نه هئي، پر طاقتور بيانيي جي تعمير هئي، جنهن جو مقصد غلبو قائم رکڻ هو. جڏهن اوڀر کي وحشي، ظالم يا غير مهذب ڏيکاريو ويو ته پوءِ اولهه پاڻ کي اهڙي اخلاقي قوت طور پيش ڪري سگهيو ٿي جنهن جو فرض آهي ته اهو دنيا کي "سڌاري،" "سنڀالي" ۽ ان جي "رهنمائي" ڪري.

اها صرف ثقافتي غلطفهمي نه هئي، پر نمائندگيءَ جو هڪ منظم نظام هئو. اوڀر کي "ٻيو" بڻايو ويو، اهڙو ٻيو جيڪو اولهه جي ابتڙ سڃاتو وڃي. جيڪڏهن اولهه پاڻ کي "عقلي" سڏي ٿو ته اوڀر کي "غير عقلي" قرار ڏنو وڃي. جيڪڏهن اولهه پاڻ کي "جمهوري" سڏي ٿو ته، اوڀر کي آمرانه نظامن جو گهر قرار ڏنو وڃي. جيڪڏهن اولهه پاڻ کي ترقي پسند سمجهي ٿو ته اوڀر کي جمود ۽ پسماندگيءَ جي علامت طور پيش ڪيو وڃي. اهڙيون تصويرون ڪتابن، علمي تحريرن، اخبارن، سياسي تقريرن ۽ ميڊيا جي بيانن ۾ بار بار ورجايون ويون. ايتري قدر جو اهي ماڻهن جي ذهنن ۾ هڪ اڻ سوال ٿيل سچائي بڻجي ويون.

پر تاريخ جي هڪ خاص عادت آهي: اها وهمن کي بي نقاب ڪري ڇڏيندي آهي. جڏهن اڄ جي عالمي قوتن جي رويي تي نظر وڌي وڃي ٿي ته اولهه جي اخلاقي برتري جو اهو ٺاهيل تصور آهستي آهستي ٽٽندو نظر اچي ٿو. اهي ئي ملڪ جيڪي پاڻ کي جمهوريت جا وڏا علمبردار سڏين ٿا، اڪثر ڪري ڪمزور معاشرن جي تباهيءَ تي بي حسي ڏيکاريندي نظر اچن ٿا. اهي ئي آواز، جيڪي انساني حقن بابت بلند دعوائون ڪن ٿا، ڪيترين حالتن ۾ خاموش ٿي وڃن ٿا، جڏهن ظلم اهڙين جڳهن تي ٿئي جتي انهن جا سياسي مفاد شامل هجن.

اهو تضاد سڀ کان وڌيڪ غزه جي المناڪ صورتحال ۾ نظر اچي ٿو. دنيا روز بروز اهڙيون تصويرون ڏسي رهي آهي، جن ۾ معصوم ٻار ۽ ٻيان انسان تباهه ٿيل عمارتن جي ڍيرن هيٺان ڪڍيا پيا وڃن، لکين خاندان بي گهر ٿي رهيا آهن ۽ اسپتالون زخمين سان ڀرجي ويون آهن. پر عالمي ردعمل ۾ هڪ عجيب قسم جي چونڊ نظر اچي ٿي. همدردي به چونڊي چونڊي ظاهر ڪئي وڃي ٿي، ۽ احتجاج به احتياط سان ماپيو وڃي ٿو. انسانيت جا وڏا نعرا اوچتو ڪمزور ٿي وڃن ٿا جڏهن مظلوم انهن علائقن سان واسطو رکن ٿا، جن کي تاريخي طور "اورينٽ" سڏيو ويو.

ايڊورڊ سعيد بلڪل اهڙي صورتحال بابت خبردار ڪيو هو. اورينٽلزم صرف علم کي مسخ نه ڪندو آهي، پر انسانن جي همدرديءَ کي به شڪل ڏيندو آهي. جڏهن ڪنهن سماج کي مسلسل غير منظم، پرتشدد يا پسمانده طور پيش ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ ان سماج جي ماڻهن جو درد عام ٿي وڃي ٿو. انهن جي مصيبتن کي غير معمولي نه سمجهيو ويندو، انهن جي موت کي ضروري يا معمولي قرار ڏنو ويندو، ۽ انهن جي غم کي گهٽ اهميت نه ڏني ويندي. اهڙي طرح "ٻيو بڻائڻ" جو عمل حقيقي انسانن کي رڳو انگن اکرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي.

ايڊورڊ سعيد جو بنيادي دليل اهو هو ته، دنيا صرف جاگرافيائي طور تي ورهايل نه آهي، پر اها خيالن ۽ تصور جي دنيا ۾ به ورهايل آهي. اولهه، دنيا کي ٻن وڏين درجن ۾ ورهايو: "اورينٽ" ۽ "اوڪسيڊنٽ." اورينٽ يعني اوڀر، جنهن کي مغربي تصور ۾ پراسرار، جذباتي، پوئتي پيل ۽ غير عقلي طور پيش ڪيو ويو، جڏهن ته اوڪسيڊنٽ يعني اولهه کي عقلمند، ترقي يافته، روشن خيال ۽ مهذب ڏيکاريو ويو. اها ورهاست ڪنهن معصوم فڪري عمل جو نتيجو نه هئي، پر طاقتور بيانيي جي تعمير هئي، جنهن جو مقصد غلبو قائم رکڻ هو. جڏهن اوڀر کي وحشي، ظالم يا غير مهذب ڏيکاريو ويو ته پوءِ اولهه پاڻ کي اهڙي اخلاقي قوت طور پيش ڪري سگهيو ٿي جنهن جو فرض آهي ته اهو دنيا کي "سڌاري،" "سنڀالي" ۽ ان جي "رهنمائي" ڪري.

اهو ذهني فريم ورڪ عالمي سياست جي تاريخ ۾ بار بار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. 20هين ۽ 21هين صديءَ ۾ ڪيترن ملڪن ۾ مداخلتون امن ۽ آزادي جي نالي تي ڪيون ويون، پر نتيجي ۾ تباهي ۽ افراتفري پيدا ٿي. آمريڪا پاران عراق تي حملو آزادي جي نالي تي ڪيو ويو، پر ان کان پوءِ سالن تائين افراتفري جاري رهي. آمريڪا پاران افغانستان ۾ سيڪيورٽي جي نالي تي جنگ شروع ڪئي وئي، جيڪا ٻن ڏهاڪن تائين هلي. ليبيا تي حملا عوام جي تحفظ جي نالي تي ڪيا ويا، پر ملڪ ڊگهي افراتفري ۾ ڦاسي ويو ۽ شام عالمي قوتن جي مقابلي جو ميدان بڻجي ويو ، جنهن ۾ لکين ماڻهو لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا.

انهن مان هر واقعي ۾ ساڳيو نمونو نظر اچي ٿو. پهرين ڪنهن ملڪ کي خطري يا مسئلي طور پيش ڪيو وڃي ٿو، پوءِ مداخلت کي اخلاقي فرض قرار ڏنو وڃي ٿو، ۽ جڏهن تباهي پيدا ٿئي ٿي ته، ان کي افسوسناڪ پر لازمي نتيجو قرار ڏئي ڇڏجي ٿو. اهڙي طرح بيانيي کي برقرار رکيو وڃي ٿو، ڀلي حقيقتون ان جي ابتڙ چو نه هجن.

اهوئي نمونو ٻين علائقن ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. لاطيني آمريڪا ۾ ڪيترن سياسي بحرانن جي پويان ٻاهرين مداخلت جو عنصر موجود رهيو آهي. جيڪي حڪومتون آزاد پاليسيون اختيار ڪرڻ چاهينديون هيون، انهن کي معاشي دٻاءَ، ڳجهين ڪاررواين يا سفارتي حڪمت عملين ذريعي ڪمزور ڪيو ويو. "بيڪ يارڊ سياست" جو تصور اڻ ڳالهايل اصول بڻجي ويو، جنهن جو مطلب اهو هو ته دنيا جا ڪجهه علائقا طاقتور ملڪن جي تجربي گاهه بڻيل آهن.

آفريڪا به اهڙي تاريخي ناانصافي جو شڪار رهيو آهي. صديون ڊگهي نوآبادياتي استحصال کان پوءِ جڏهن اهو براعظم جديد دور ۾ داخل ٿيو ته ان وٽ اهڙيون سرحدون هيون، جيڪي ٻاهرين حڪمرانن ٺاهي ڇڏيون هيون، ۽ اهڙيون معيشتون جيڪي پرڏيهي مارڪيٽن جي ضرورتن مطابق ٺهيل هيون. ڪيترن ملڪن ۾ سياسي عدم استحڪام به انهن خارجي مفادن جي مقابلي سبب وڌيو، جيڪي قدرتي وسيلن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ چاهيندا هئا. اهي سڀ حقيقتون ٻڌائين ٿيون ته عالمي سياست جي زبان ۾ اخلاقي لفظن جي پويان طاقت جا سخت حساب ڪتاب لڪل هوندا آهن. آزادي جي ڳالهين جي پويان اثر رسوخ جو سوال هوندو آهي، ۽ استحڪام جي ڳالهين جي پويان واپاري رستن ۽ وسيلن تي ڪنٽرول جو مقصد هوندو آهي.

نوآبادياتي دور کان پوءِ جي مفڪرن به اهڙي ئي تنقيد پيش ڪئي آهي. ڪيترن دانشورن ٻڌايو ته، نوآبادياتي طاقت پاڻ کي مهذب ۽ اخلاقي قرار ڏيندي هئي، جڏهن ته عملي طور تي مقامي آبادي کي غير انساني حالتن ۾ رکندي هئي. مقامي ماڻهن کي ٻڌايو ويندو هو ته، انهن کي "ترقي" ڏني پئي وڃي، جڏهن ته حقيقت ۾ انهن جا وسيلا استعمال ڪيا پئي ويا ۽ انهن جو آواز دٻايو پئي ويو.

ايڊورڊ سعيد جو اهم ڪارنامو اهو هو ته، هن علم ۽ طاقت جي وچ ۾ لاڳاپي کي واضح ڪيو. هن ٻڌايو ته اوڀر بابت جيڪي بيان لکيا ويا، اهي صرف علمي مشاهدا نه هئا، پر طاقت جي وڏي ڍانچي سان ڳنڍيل هئا. جڏهن اوڀر کي غير عقلي يا خطرناڪ طور پيش ڪيو ويو ته ان سان اهو تصور مضبوط ٿيو ته اولهه جي نگراني ضروري آهي. ان سوچ جو سڀ کان وڏو نقصان اهو ٿيو آهي ته، ان سان پيچيده سماجن کي سادي ۽ محدود تصويرن ۾ بند ڪيو ويندو آهي. اوڀر جي تهذيبن جي گهري تاريخ، علمي ورثي ۽ ثقافتي تنوع کي نظرانداز ڪري صرف پسماندگيءَ جي تصوير پيش ڪئي ويندي آهي.

پر هاڻي اهي بيانيه آهستي آهستي ٽٽندا نظر اچي رهيا آهن. اولهه پاڻ کي امن ۽ عقل جو مرڪز سڏي ٿو، پر 20هين صديءَ جون 2 وڏيون عالمي جنگيون يورپ مان ئي شروع ٿيون. آزادي ۽ روشن خيالي جا نعرا به ساڳئي وقت نوآبادياتي سلطنتن سان گڏ موجود رهيا، جن دنيا جي وڏن علائقن تي حڪمراني ڪئي.

اڄ جي دور ۾ جنگ کي ٽيڪنالاجيءَ نئين صورت ڏني آهي. ڊرون حملا، معاشي

پابنديون ۽ سائبر ڪارروايون طاقتور ملڪن کي اهو موقعو ڏين ٿيون ته، هو بغير سڌي قبضي جي به ٻين علائقن تي اثر انداز ٿين، پر انهن پاليسين جو اثر گهڻو ڪري عام ماڻهن تي پوي ٿو، جيڪي اڳ ئي ڪمزور حالتن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن.

معاشي پابنديون خاص طور تي اهڙو اوزار بڻجي ويون آهن، جنهن سان ملڪن جي معيشت کي دٻاءَ هيٺ آندو وڃي ٿو. سياسي مقصدن جي نالي تي لاڳو ٿيندڙ پابنديون گهڻو ڪري عام ماڻهن جي زندگين کي متاثر ڪن ٿيون، جڏهن ته حڪمران طبقا گهڻو ڪري انهن کان محفوظ رهندا آهن.

اهڙين حالتن ۾ عالمي قانون جي چونڊي چونڊي لاڳو ٿيڻ به هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. خودمختياري، انساني حقن ۽ عالمي قانون جا اصول ڪڏهن وڏي زور سان ياد ڪرايا وڃن ٿا، ۽ ڪڏهن بلڪل وساري ڇڏيا وڃن ٿا. قانون جيڪڏهن برابر لاڳو نه ٿئي ته پوءِ اهو انصاف جو اوزار نه رهندو، پر طاقت جو وسيلو بڻجي ويندو. اهڙي صورتحال ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر عالمي نظام جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا واقعي مقصد امن، جمهوريت ۽ گڏيل خوشحالي آهي؟ يا پوءِ مقصد اهو آهي ته طاقت جو موجوده توازن برقرار رکيو وڃي؟ ان سوال جو واضح جواب شايد ڪڏهن به نه ملي، پر دنيا جي عام ماڻهن جي زندگين ۾ ان جا نتيجا صاف نظر اچن ٿا. جنگ، لڏپلاڻ، غربت ۽ عدم تحفظ اڄ به لکين ماڻهن جي روزمره حقيقت بڻيل آهن.

ايڊورڊ سعيد جو فڪر اسان کي ياد ڏياري ٿو ته طاقت کي سمجهڻ لاءِ صرف فوجي قوت يا اقتصادي طاقت ڏسڻ ڪافي ناهي. ضروري آهي ته انهن بيانين کي به پرکيو وڃي جيڪي دنيا کي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. جڏهن طاقتور قومون دنيا جي ڪهاڻي پاڻ لکن ٿيون ته اهي پنهنجي عملن کي مهرباني ۽ اصلاح طور پيش ڪري سگهن ٿيون، پر جڏهن ڪمزور سماجن جا آواز به سامهون اچن ٿا ته پوءِ حقيقت جو ٻيو رخ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿو.

ايڊورڊ سعيد جو هڪ اهم خيال اهو به هو ته تهذيبون هڪ ٻئي کان الڳ نه آهن، پر اهي تاريخي رابطن ۽ اثرن سان ڳنڍيل آهن. انسانيت جي تاريخ اصل ۾ هڪ ٻئي کان سکڻ، اثر وٺڻ ۽ گڏجي اڳتي وڌڻ جي تاريخ آهي. اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ جيڪي تضاد نظر اچن ٿا، اهي اصل ۾ اخلاقي تضاد آهن، اعلان ڪيل قدرن ۽ حقيقي عملن جي وچ ۾ فرق.

اورينٽلزم جو سڀ کان اهم سبق شايد اهو آهي ته اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ جيڪا ورهاست پيش ڪئي وئي آهي، اها فطري نه آهي، پر هڪ ٺاهيل تصور آهي. اهڙو تصور جيڪو تاريخي طور طاقت ۽ برتري کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. جيستائين دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ بمباري جاري رهندي، تيستائين طاقتور راڄڌانين ۾ تهذيب ۽ انسانيت جا نعرا بلند ٿيندا رهندا، تيستائين ايڊورڊ سعيد جا لفظ بيحد اهم رهندا، ڇو ته هن جيڪي تضاد بيان ڪيا هئا، اهي هاڻي صرف ڪتابن تائين محدود نه رهيا آهن؛ پر اهي جديد تاريخ جي هر صفحي تي لکيل نظر اچن ٿا.

وچ اوڀر جي ڪيترن ئي عرب ملڪن جي معيشت بظاهر تمام مضبوط ۽ شاهوڪار نظر اچي ٿي، پر حقيقت ۾ اها گهڻو ڪري نمائشي ۽ ٻاهرين سهارن تي بيٺل آهي. انهن ملڪن جي اصل آمدني تيل ۽ گيس جي واپار مان حاصل ٿئي ٿي، جيڪا سامونڊي لنگهن جي کليل هجڻ ۽ عالمي امن سان ڳنڍيل آهي. سياحت، پرڏيهي سيڙپڪاري ۽ واپار پڻ علائقي جي سياسي استحڪام تي دارومدار رکن ٿا. جيڪڏهن خطي ۾ جنگ يا عدم استحڪام پيدا ٿئي ٿو ته اهي سڀ وسيلا فوري طور متاثر ٿي وڃن ٿا.

ان کان به وڌيڪ اهم حقيقت اها آهي ته وچ اوڀر جا گهڻا ملڪ پنهنجي بنيادي ضرورتن لاءِ به ٻاهرين دنيا تي ڀاڙين ٿا. کاڌ خوراڪ، اناج، ڀاڄيون، لٽو ڪپڙو ۽ دوائون وڏي مقدار ۾ درآمد ڪيون وڃن ٿيون. پاڻي جهڙي بنيادي ضرورت به ڪيترن ئي خليجي ملڪن ۾ سمنڊ مان صاف ڪري حاصل ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن جنگي حالتن ۾ اهي پاڻي صاف ڪرڻ وارا پلانٽ نشاني تي اچي وڃن يا سامونڊي رسد ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي ته انهن ملڪن جي زندگي فوري طور بحران ۾ ڦاسي سگهي ٿي.

هلندڙ ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ اهو ظاهر ڪري رهي آهي ته جنگ صرف فوجي معاملن تائين محدود نه هوندي آهي، پر اها سڄي معاشي نظام کي به لوڏي سگهي ٿي. مثال طور قطر طرفان ايل اين جي پلانٽن جي بندش جي خبر اچڻ شرط يورپ ۾ قدرتي گيس جا اگهه تيزي سان وڌي ويا. ساڳي طرح جنگ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي تيل جي قيمتن ۾ لڳ ڀڳ 12 سيڪڙو واڌ ٿي، ۽ ماهرن جو خيال آهي ته اهي اگهه 100 ڊالر في بيرل تائين پهچي سگهن ٿا.

هرمز جو سامونڊي لنگهه هن سموري صورتحال ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا جي تيل جو وڏو مقدار ان رستي تان گذري ٿو. ايران پاران اهو لنگهه ڪرڻ سان نه رڳو وچ اوڀر پر سڄي دنيا جي معيشت بحران جو شڪار بڻجي وئي آهي. نتيجي ۾ عالمي سطح تي مهانگائيءَ جو طوفان پيدا ٿيو آهي.

ان پس منظر ۾ مفڪر ايڊورڊ سعيد جي ”اورينٽلزم“ واري سوچ ياد اچي ٿي، جنهن وضاحت ڪئي هئي ته، ڪيئن اوڀر جا وسيلا ۽ سياست عالمي طاقتن جي مفادن سان ڳنڍيل رهيا آهن. اڄ به وچ اوڀر جي جنگ صرف علائقائي مسئلو نه رهي آهي، پر اها عالمي طاقت جي راند جو حصو بڻجي وئي آهي. ■

# موڪلون ئي موڪلون ۽ آن لائين ڪلاسز

حميده ميربحر



تعليم ڪنهن به قوم جي ترقي، شعور ۽ مهذب سماج جي تعمير جو بنيادي ٿنڀو هوندي آهي. دنيا جون ڪامياب قومون پنهنجي تعليمي نظام کي انتهائي سنجيدگيءَ سان ڏسنديون آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر آهي ته مضبوط تعليم کان سواءِ ترقيءَ جو خواب صرف هڪ خواهش ئي بڻجي رهجي ويندو آهي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي ملڪ ۾ تعليمي نظام کي ايتري سنجيدگيءَ سان نٿو ورتو وڃي، جنهن جو سڀ کان وڏو مثال تعليمي ادارن ۾ بار بار موڪلن جا اعلان آهن. ٻوڏ اچي، ته اسڪول بند ۽ موسم سخت ٿئي، ته اسڪول بند. هونئن ئي سرڪاري، غير سرڪاري، وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي ايتريون موڪلون ٿين ٿيون، جوان جو مثال ڪنهن ترقي يافته ملڪن ۾ ۾ نٿو ملي.





اي آءِ جي مدد سان ٺاهيل اميج ـ





اي آءِ جي مدد سان ٺاهيل اميج ـ

اڄ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڏکين حالتن جي باوجود تعليم جو سلسلو جاري رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. ڪٿي قدرتي آفتون آهن، ته ڪٿي سياسي تڪرار يا جنگي حالتون آهن، ان هوندي به حڪومتون ۽ تعليمي ادارا هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا ته شاگردن جي پڙهائي متاثر نه ٿئي، ڇو ته اهي ڄاڻن ٿا ته جيڪڏهن تعليم جو تسلسل ٽُٽي پيو ته ان جا اثر رڳو موجوده وقت تائين محدود نه رهندا، پر قوم جي مستقبل تي به سان جا اثر ضرور پوندا.

ان جي ابتڙ اسان وٽ ننڍي کان ننڍي سبب جي ڪري به اسڪولن ۽ ڪاليجن کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويندو آهي. نتيجي طور شاگردن جي پڙهائيءَ جو تسلسل ٽُٽي وڃي ٿو ۽ سندن تعليمي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي، خاص طور تي جڏهن امتحان ويجهو هجن ته ان وقت شاگردن کي وڌيڪ توجهه، رهنمائي ۽ تعليمي سهولتن جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي مرحلي تي موڪلن جا اعلان ڪرڻ شاگردن لاءِ ذهني پريشاني جو سبب بڻجي ٿو.

تعليمي ماهرن جو خيال آهي ته هونئن سڄو سال استاد ٻارن کي نصاب مطابق پڙهائيندو رهندو آهي، پر امتحانن کان اڳ وارو وقت شاگردن جي تياري لاءِ انتهائي اهم هوندو آهي. ان دوران استادن کي شاگردن جي رهنمائي ڪرڻي هوندي آهي، سندن سوالن جا جواب ڏيڻا هوندا آهن ۽ انهن کي امتحاني نقط نظر سان تياري ڪرائڻي هوندي آهي، پر جڏهن تعليمي ادارا بار بار بند ٿين ٿا ته اهو عمل متاثر ٿئي ٿو ۽ شاگردن جي تياري به مڪمل نه ٿي سگهندي آهي، جنهن جو اثر شاگردن جي ذهنن تي به پوي ٿو.

حقيقت ۾ اسان وٽ اڃا تائين آن لائين تعليم لاءِ گهربل سهولتون اسڪول ۽ ڪاليج سطح تي مڪمل طور تي موجود ناهن. ڪيترن علائقن ۾ انٽرنيٽ جي رفتار تمام گهٽ آهي يا ڪنيڪٽوٽي ئي موجود ناهي. ان کان علاوه موبائيل نيٽ ورڪ به ڪيترن هنڌن تي ڪمزور يا غير فعال هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ آن لائين ڪلاسز جو تصور عملي طور تي نامناسب لڳي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن متبادل طور آن لائين ڪلاسز جو ذڪر به ڪيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ اسان وٽ اڃا تائين آن لائين تعليم لاءِ گهربل سهولتون اسڪول ۽ ڪاليج سطح تي مڪمل طور تي موجود ناهن. ڪيترن علائقن ۾ انٽرنيٽ جي رفتار تمام گهٽ آهي يا ڪنيڪٽوٽي ئي موجود ناهي. ان کان علاوه موبائيل نيٽ ورڪ به ڪيترن هنڌن تي ڪمزور يا غير فعال هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ آن لائين ڪلاسز جو تصور عملي طور تي نامناسب لڳي ٿو. ڳوٺاڻن ۽ پنتي پيل علائقن جا شاگرد ته خاص طور تي هن صورتحال کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. انهن وٽ نه صرف انٽرنيٽ جون مناسب سهولتون موجود ناهن، پر ڪيترن وٽ آن لائين تعليم لاءِ گهربل ڊوائيسز به ناهن، نتيجي طور اهي شاگرد ٻين شاگردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تعليمي نقصان برداشت ڪن ٿا.

اها وقت جي اهم ضرورت آهي ته تعليم سان لاڳاپيل اختياريون هن مسئلي تي سنجيدگيءَ سان غور ڪن. هر موقعي تي موڪلن جا اعلان ڪرڻ بدران اهڙيون حڪمت عمليون اختيار ڪيون وڃن، جيڪي شاگردن جي تعليم کي جاري رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿين. تعليمي ادارن کي مضبوط ڪرڻ، پڙهائي جو تسلسل برقرار رکڻ ۽ شاگردن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت ۽ تعليمي ادارن جي گڏيل ذميواري آهي.

ساڳئي وقت والدين، استادن ۽ سماج جي ٻين فردن کي به ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. شاگردن کي پڙهائيءَ ڏانهن راغب ڪرڻ، انهن ۾ علم جي اهميت جو شعور پيدا ڪرڻ ۽ کين بهتر مستقبل لاءِ تيار ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي.

آخر ۾ اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته تعليم، ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جو بنياد آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجن نوجوان نسل کي علم ۽ شعور سان مالا مال بڻائڻ چاهيون ٿا ته تعليمي ادارن کي غير ضروري طور بند ڪرڻ بدران انهن کي فعال ۽ باقاعده کليل رکڻ گهرجي، ڇو ته جڏهن تعليم مضبوط هوندي ته سماج مضبوط ٿيندو ۽ قوم جو مستقبل روشن بڻجي سگهندو. ■

# قديم ايران جي هخامنشي سلطنت سنڌو ماٿريءَ تي لڳ ڀڳ ٻن صدين تائين حڪومت ڪئي

تاريخي دور جي سلطنتن مان پهرين فارس (قديم ايران) جي هخامنشي سلطنت هئي، جنهن جو بنياد سائرس اعظم ڇهين صدي قبل مسيح جي وچ ۾ رکيو. هخامنشي سلطنت سائرس اعظم ۽ سندس جانشين ڪمبيسس ۽ دارا اول جي دورِ حڪومت ۾ سنڌو ماٿريءَ تي پنهنجي سياسي بالادستي کي وڌايو ۽ اٽڪل ٻه سؤ سال حڪومت ڪئي. فارسين جي اوپر ۾ ڪاهه جي وقت سنڌوءَ جو ملڪ ڪيترن ئي راڄڌانين ۾ ورهايل هو، جن ۾ ٻه مهاجناپدا نالي گنڌارا ۽ ڪمبوجا بهشامل هيون. آرڪيالاجيڪل ۽ تحريري ثبوتن مان معلوم ٿئي ٿو ته فارسين سنڌو نديءَ جي ٻنهي پاسن تي حڪومت ڪئي.

صراط گوهر دائودپوٽو




آرڪيالاجيڪل آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌو سڀيتا جي زوال ڪانپوءِ ٻه سنڌوءَ جا ماڻهو هن ملڪ ۾ آباد رهيا. هنن نيون وسنديون ٺاهيون ۽ پنهنجين ڪجهه پراڻين وسندين، جهڙوڪ هڙپا ۽ جهوڪر، کي پڻ وري آباد ڪيو، پر هنن پنهنجي شهري زندگي ڇڏي ڏني ۽ ڳوٺن جي زندگي اختيار ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مختلف سماجي ۽ معاشي نمونن ۽ نظام تي هڪ نئين سماج جو جنم ٿيو. اهو بنيادي طور تي زراعت تي ٻڌل ڳوٺاڻو سماج هو، جنهن کي ماڻهن جي قبيلن ۽ ذاتين جي مطابق ٺاهيو ويو هو، جيئن ويدن ۽ ان دور جي آرڪيالاجيڪل رڪارڊ مان ظاهر ٿئي ٿو.

انساني تاريخ جو اهو دور 18هين، 19هين صدي قبل مسيح ۾ سنڌو تهذيب جي زوال کان وٺي ستين صدي عيسويءَ ۾ سنڌو ماٿريءَ ۾ ٻي شهري ثقافت جي وجود تائين آهي. ان عرصي دوران سماجي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي لحاظ کان ڪجهه غير معمولي واقعا ۽ شيون سامهون آيون، مثال طور، لوهه جي دريافت ۽ استعمال ۽ سنڌوءَ جي ماڻهن جو اتر (وچ ايشيا) جي ماڻهن سان ميلاپ. اڳ واري ترقي يعني لوهه جي وسيع استعمال جي ڪري ان کي "لوهه جو دور" سڏيو وڃي ٿو، ايئن ئي جيئن سنڌو سڀيتا ۾ ڪنجهيءَ جي دريافت جي ڪري ان کي "ڪنجهيءَ جي دور" جي تهذيب سڏيو ويندو آهي.

آرڪيالاجيءَ جي لحاظ کان، پاڪستان جي پروٽوهسٽري، ڪنجهي ۽ لوهه جي دورن تي مشتمل آهي. ڪنجهيءَ جو دور سنڌوتهذيب وارو دور آهي، جڏهن ته لوهه جي دور جو تعلق انهن ثقافتن سان آهي، جيڪي سنڌو تهذيب ڪانپوءِ وجود ۾ آيون. بهرحال هتي اهو واضح ڪرڻ ضروري آهي ته، سنڌوتهذيب جي زوال واري دور، 19هين ۽ 15هين صدي قبل مسيح جي وچ جي ٻن ثقافتن نالي "سيميٽري (قبرستان) ايڇ ۽ جهوڪر_جهانگر جو تعلق لوهه جي دور سان نه آهي. جيتوڻيڪ، اهي سنڌو سڀيتا جي حوالي سان تسلسل ۽ تبديليءَ کي ظاهر ڪن ٿيون، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته سيميٽري ايڇ ۽ جهوڪر_جهانگر ثقافتن جو تعلق سنڌو سڀيتا جي پوئين دور سان آهي. اهي ڪنجهيءَ ۽ لوهه جي دور جي وچ ۾ هڪ عبوري دور جي نمائندگي ڪن ٿيون.

جڏهن ته، پاڪستان ۾ هن وقت تائين دريافت ڪيل سڀ کان اوائلي لوهه جون شيون 16هين /15هين صدي قبل مسيح جون آهن. اهي شيون سڄي ملڪ ۾ ڪيترن ئي ماڳن تي ڳوليون ويون آهن، جن ۾ بلوچستان ۾ پيرڪ، بنون ۾ آڪڙا، ٽيڪسلا ۾ هٿيال، دير ۾ تيمرڳڙهه ۽ سوات ۾ غاليگي شامل آهن، پر گهڻو ڪري اهڙيون شيون اتر پاڪستان ۾ گنڌارا گِريوَ ڪلچر سان لاڳاپيل جاين تي ملن ٿيون.




خيبر پختونخواهه جي دير ضلعي ۾ تيمرڳڙهه ۾ واقع گنڌارا گِريو ڪلچر جي هڪ ماڳ بالمبٽ جا آثار
( تصوير احمد حسن دانيءَ پاران ائنشنٽ پاڪستان ۾ 1967 ۾ شايع ڪئي وئي)

مڃيو وڃي ٿو ته، سنڌوءَ جي علائقن ۾ اتر کان آرين جي ڪاهه يا لڏپلاڻ ان دور ۾ ٿيهئي. آرين جي انهن ماڻهن طور پڻ سڃاڻ ڪئي وئي آهي، جن سنڌو تهذيب جو خاتمو ڪيو ۽ ملڪ تي قابض ٿي ويا. مٿي بيان ڪيل سنڌو سڀيتا جي پوئين دور جي ٻن ثقافتن ۽ لوهه جي دور جي آثارن کي آرين سان ڳنڍيو وڃي ٿو ۽ ان سڄي دور کي ويدڪ (ويدن جو) دور سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته آريا ويدن جا ليکڪ مڃيا وڃن ٿا. ان ڳالهه مان اهو امڪان ظاهر ٿئي ٿو ته اهيثقافتون رڳو آرين نه پر اصلوڪي ماڻهن ۽ آرين جي هڪ مخلوط يا گڏيل سماج جي نمائندگي ڪن ٿيون. اسان اهو ٻه چئي سگهون ٿا ته، ويد سماج خالص آريائي نه پر هڪ مخلوط سماج هو، جنهن مان ويد پيدا ٿيا.

هن دور جا آثار تمام محدود آهن. جيتوڻيڪ ويدن سان لاڳاپو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. اهي آثار گهڻو ڪري گنڌارا گِريوَ ڪلچر، تقريبن تيرهن ۽ پنج سؤ قبل مسيح جي وچ واري دور سان تعلق رکن ٿا، جن ۾ قبرون شامل آهن، جيڪي تدفين جي مختلف روايتن کي ظاهر ڪن ٿيون. انهن قبرن ۾ ماڻهن ۽ جانورن جي جسماني باقيات سان گڏ ڪيترين ئي ٻيون شيون ٻه دفن ٿيل آهن. اهڙي قسم جا ماڳ گهڻو ڪري سوات، دير ۽ چترال ۾ واقع آهن. انهن علائقن مان قبرن ڪانسواءِ ڪجهه وسندين وارا ماڳ ٻه مليا آهن، جن ۾ غاليگي، بِريڪوٽ ۽ بالمبٽ شامل آهن. عمارتي اهڃاڻ ظاهر ڪن ٿا ته اهي وسنديون پٿرن جون تعمير ٿيل هيون، ۽ انهن جي هڪ تعميراتي خاصيت ڪُڏ وارو گهر يا رهائش آهي. اهي ڪُڏ جا گهرڙا ڪشمير ۾ برزاهوم واري ماڳ تي ٻه مليا آهن. وسنديءَ جي تعميراتي منصوبي ۾ ان هڪجهڙائي جي بنياد تي اهو سمجهيو وڃي ٿو ته، انهن علائقن جا رهواسي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو هئا ۽ گهڻو ڪري هڪجهڙي زندگي گذاريندا هئا.

اڳتي هلي انهن ماڻهن، جن کي هند_آريائي (اِندو_آريان) سڏيو ويندو آهي، آهستي آهستي قبائلي سردارين يا وڏيراڻين کي وڌائي ۽ متحد ڪري وڏيون سلطنتون ٺاهيون، جن کي مهاجنپادا سڏيو ويندو هو. انهن سنڌو تهذيب جي زوال ڪانپوءِ لڳ ڀڳ 13 سؤ سالن ڪانپوءِ ننڍا وڏا شهر ٺاهي ننڍي کنڊ ۾ شهري روايتکي ٻيهر بحال ڪيو، ۽ اهو 6هين صدي قبل مسيح ۾ ٿيو، جڏهن اهڙيون وسنديون ملڪ جي زميني منظر ۾ ظاهر ٿيڻ لڳيون. اهي شهر بادشاهن جي راڄڌانين ۽ سماجي_اقتصادي ۽ ثقافتيسرگرمين جا مرڪز هئا.

شهرن سان گڏ هڪ ٻي اهم ترقي جيڪا ان دور ۾ ٿي، اها هئي هخامنشي سلطنت جي پسمنظر ۾ هن خِطي ۾ هڪ ڀيرو وري لکڻ جي روايت جي شروعات ٿي. هي پڻ ٻي شهري ثقافت وانگر، سنڌو سڀيتا جي زوال کان تيرهن صدين ڪانپوءِ ٿيو. منفرد ڳالهه اها آهي ته سنڌو لکت سمجهه ۾ نه آئي آهي، جڏهن ته هن دور جي لکڻين کي ڪاميابيءَ سان پڙهيو ۽ سمجهيو ويو آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته، پاڪستان ۾ ڇهين صدي قبل مسيح ۾ تاريخيدور جي شروعات ٿي.




هخامنشي سلطنت جا اوڀر ۾ سنڌو ماٿريءَ وارا ٽي صوبا: گنڌارا، ٿتاگش ۽ هندوش (سنڌ). (نقشو: ڪيمرون پيٽريءَ ۽ ميگيءَ پاران ايرانين جرنل آف آرڪيالاجيڪل اسٽڊيز ۾ 2011 ۾ شايع ٿيل)

پاڪستان جي حوالي سان قديم دور جو هي زمانو ڇهين صدي قبل مسيح ۾ لکت جي شروعات سان شروع ٿئي ٿو ۽ پندرهين صدي عيسوي ۾ ننڍي کنڊ ۾ جديديت جي آغاز سان ختم ٿئي ٿو. هيئن، تاريخي آرڪيالاجي ان سڄيدور جي آثارن جو علم آهي.

پاڪستان جي تاريخي آرڪيالاجي هڪ وسيع مضمون آهي، جيڪا مختلف سماجن ۽ قومن جي ماڻهن جي مختلف گروهن سان لاڳاپيل ثقافتي ورثي جي کوج ۽ اڀياس ڪري ٿي. ان ڏس ۾ اهو ضروري آهي ته تاريخيآرڪيالاجيءَ کي مختلف دورن ۾ ورهائي تاريخوار يا زماني ترتيب سان ان کي بيان ڪيو وڃي. ان زماني ۾ هنملڪ تيڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي خاندانن سلطنتون قائم ڪري راڄ ڪيو. انهن سلطنتن جي تاريخوار ترتيب هي آهي:


هخامنشي (لڳ ڀڳ 550 کان 331 قبل مسيح)، مقامي سردارين (تقريبن 331 کان 327 قبل مسيح)، يوناني (تقريبن 327 کان 321 قبل مسيح)، موريا (لڳ ڀڳ 321 کان 184 قبل مسيح)، شُنگا (تقريبن 184 کان 150 قبل مسيح)، اِندو_گريڪ/هند_يوناني (تقريبن 200 قبل مسيح کان 10 عيسوي)، اِندو_سيٿيئن/هند_سيٿيائي (تقريبن 60 قبل مسيح کان 415 عيسوي)، اِندو_پارٿيئن/هند_پهلوي (لڳ ڀڳ 19 کان 75 عيسوي)، ڪُشان (تقريبن 60 کان 267 عيسوي)، ڪُشان_ساساني (تقريبن 240 کان 489 عيسوي)، ڪِدارائيٽ/ڪِدارا (تقريبن 357 کان 465 عيسوي)، گُپتا (لڳ ڀڳ 375 کان 467 عيسوي)، هُن (لڳ ڀڳ 465 کان 670 عيسوي)، راءِ (لڳ ڀڳ 489 کان 632 عيسوي)، چچ (تقريبن 632 کان 712 عيسوي)، تُرڪ شاهي (تقريبن 666 کان 822 عيسوي)، عرب (تقريبن 712 کان 1024 عيسوي)، اُدي شاهي/هندو شاهي (تقريبن 822 کان 1026 عيسوي)، غزنوي (تقريبن 1001 کان 1186 عيسوي)، سومرا (تقريبن 1011 کان 1335 عيسوي)، غوري (تقريبن 1175 کان 1206 عيسوي)، دهلي سلطنت (تقريبن 1206 کان 1526 عيسوي) ۽ سما (لڳ ڀڳ 1335 کان 1520 عيسوي).

انهن تاريخي دور جي سلطنتن مان پهرين فارس (قديم ايران) جي هخامنشي سلطنت هئي، جنهن جو بنياد سائرس اعظم ڇهين صدي قبل مسيح جي وچ ۾ رکيو. هخامنشي سلطنت سائرس اعظم ۽ سندس جانشين ڪمبيسس ۽ دارا اول جي دورِ حڪومت ۾ سنڌو ماٿريءَ تي پنهنجي سياسي بالادستي کي وڌايو ۽ اٽڪل ٻه سؤ سال حڪومت ڪئي. فارسين جي اوپر ۾ ڪاهه جي وقت سنڌوءَ جو ملڪ ڪيترن ئي راڄڌانين ۾ ورهايل هو، جن ۾ ٻه مهاجناپدا نالي گنڌارا ۽ ڪمبوجا بهشامل هيون. آرڪيالاجيڪل ۽ تحريري ثبوتن مان معلوم ٿئي ٿو ته فارسين سنڌو نديءَ جي ٻنهي پاسن تي حڪومت ڪئي، پر اهو واضح نه آهي ته سندن سلطنت جون حدون اوڀر ۾ ڪيتري تائين پکڙيل هيون. جيتوڻيڪ اسان کي فارس جي تاريخي آثارن ۽ اهڃاڻن مانمعلوم ٿئي ٿو ته فارسين هن ملڪ ۾ ٽن صوبن نالي: گنڌارا، ٿتاگش ۽ هندوش تي راڄ ڪيو.

ٻين لفظن ۾، هخامنشي دور ۾ پاڪستان جا موجوده حصا ٽن صوبن ۾ ورهايل هئا: گنڌارا اتر وارو صوبو هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ پشڪلاوتيهو، هندوش جنهن ۾ هاڻوڪو سنڌ صوبو شامل آهي ڏاکڻو صوبو هو ۽ ٿتاگش صوبوگنڌارا ۽ هندوش جي وچ ۾ واقع هو. آرڪيالاجسٽن جي راءِ آهي ته بنون ۾ واقع هڪ قديم ماڳ نالي آڪڙا هخامنشي دور ۾ ٿتاگش جي گاديءَ جو هنڌ هو. هندوش صوبي بابت منهنجو خيال آهي ته ان جي گاديءَ جو هنڌ، يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو هڪ مکيه شهر، سنڌ جي گهوٽڪي ضلعي ۾ واقع قديم ماڳ وڃڻوٽ هو. ■

# سنڌي ادب ۾ هن ڪتاب جي دستاويز واري حيثيت رهندي

نصير مرزا



آئون پانئيان ٿو ته منفرد عنوان واري هن ڪتاب ”شخصن جي آس پاس“ ۾ جن جن شخصيتن بابت ۽ جيڪي ڪجهه لکيل آهي، اهو نهايت ئي سليقي، جديد نثر ۽ پنهنجي ڊنگ سان تحرير ٿيل آهي ۽ جنهن جي سنڌي ادب ۾ سدائين ”دستاويز“ واري حيثيت رهندي... ”۽ بس.“

معصوم سياءُ ۽ قديم روح مثل نظر ايندڙ، پر ساڳئي وقت جدت سان نثر ۽ غزل لکندڙ، عزيزم رڪيل موراڻيءَ جي تازو شايع ٿيل خاڪن يا خاڪا نما تحريرن تي آڌاريل هن مجموعي ”شخصن جي آس پاس“ جون به ڳالهيون ته اُتنديون ئي مون کي موهي ويون. کهڙيون؟ هڪ ته ان جو نئين انداز سان ڊزائن ٿيل ٽائيٽل، جنهن ۾ خود رڪيل پاڻ پٺيرو بيٺل آهي ۽ سندس سامهون اُهي ڪجهه هستيون آهن، جن جا هن نثر ۾ ڪٿي چِٽا، ته ڪٿي ڌنڌلا عڪس چِٽيا آهن ــ ۽ ڪتاب جي جنهن ٻي شئي ۾ مون ڪشش محسوس ڪئي، اهو پياري انور ابڙي جو مُهڙ ۾ لکيل هن ڪتاب جو ڊيٽيلڊ ”مهاڳ“ هو.


بيشڪ ته هڪ سِٽنگ ۾ جيتري قدر هن ڪتاب جو دل سان مطالعو مون ڪري ورتو، ان بابت پنهنجي نصيراڻي نثر ۾، ظاهر آهي ته ڪجهه نه ڪجهه ته ضرور آئون لکندس، پر جيئن ته آئون نثرنگار آهيان، تنهن ڪري جيستائين هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون نه لکندس، تيستائين مزو مون کي ”ڪاهي ڪو“ ايندو. مثال طور مون کي گُمان نه، پر پُورو يقين آهي ته، نئين ٽهيءَ مان هن واحد: رڪيل موراڻي يا پوءِ ٿورو گهڻو مون سنڌ واسي ليکڪ، جنهن هند واسي جديد ۽ قديم لکارين مان گهڻوئي فيض پرايو آهي. مثال طور: منهنجا رول ماڊل يا جن ليکڪن مان مون اتساهه ورتو، انهن مان هڪ ته نارائڻ شيام آهي، پوءِ شيام جئسنگهاڻي. ان بعد گنو سامتاڻي ۽ آخر آخر ۾ لاجواب نثرنگار لڇمڻ ڪومل، جيڪو جيترو پياري رڪيل جو گهاٽو دوست هو، ائين تارازيءَ جي تور، منهنجو به يار هو.

هونئن ڪيڏي نه عجب جهڙي هڪجهڙائي آهي ته، لڇمڻ، جنهن کي قمرشهباز ۽ امداد حسيني محبت مان سدائين ”لڇو لباڙي“ سڏيندا هئا، ان رڪيل کي ڪيڏا نه زبردست خط لکيا هئا، جيڪي لڇمڻ جي ديهانت بعد رڪيل يڪجا ڪيا ۽ موهن مدهوش، ڪويتا پبليڪيشن پاران شايع ڪيا، جنهن جو عنوان رڪيل رکيو: ”لڇمڻ ڪومل جا خط.“ ۽ لڇمڻ جيڪي خط مون کي لکيا، انهن مان هي جملو ڏسو: ”نصيرا هن چمار ۾ ڪرڻ لاءِ مون وٽ صرف به ڪم آهن: پيئڻ ۽ پي لکڻ.“ تڏهن جواب ۾ مون ڪيس لکيو هئو: ”ڪمال 'لڇودا.' هند ۾ پي لکو توهان ۽ نشي ۾ ڏُتُ، هتي اسين.“ ته خير، رڪيل جي نثري اسٽائيل ۽ غزل ۾ جدت آهي، پر هن هند جي پلا ڪهڙن ڪهڙن ماڊرن ليکڪن سان رشتو جوڙيو؟ ته انهن ۾ نمايان شريڪانت صدف، پوءِ ايم ڪمل، ارجن حاسد، واسديو موهي ۽ شري گوبند مالهي وغيره ـــ ۽ اُن وٿان رڪيل جيڪي ڏيڍ لفظ اڌارا ورتا اٿوَ اُهي آهن... ”۽ بس.“

بيشڪ افسانوي ادب جي حوالي سان ماڻڪ، مشتاق شورو ۽ مدد علي سنڌي وغيره پڻ هند جي جديد سنڌي فڪشن نگارن مان گهڻوئي لاڀ پرايو، ايئن ئي رڪيل ۽ مون به اتان جي ماڊرن لکارين کي گهڻوئي follow پئي ڪيو. پر رڪيل ته ان ڏس ۾ مون کان به اُترلهڻي.

پر هي سڀ ڪجهه ته مون، خاص ڪري همعصر ٽهيءَ ۾ رڪيل جي نثر ۽ غزل جي جيڪا انفراديت آهي، ان تي مختصر خيال آرائي ڪئي، جنهن جون جهلڪيون وک وک تي سندس هن ڪتاب جي نثر مان جهلڪندي نظر اينديون، جنهن جا ڪُل صفحا 240 آهن ــ ۽ اديبن ۽ عزيزن جي پسمنظر ۾ رڪيل هي جيڪي آرٽيڪل لکيا آهن، انهن مان ڪجهه ته خاڪن جي فريم ۾ آهن، ۽ ڪجهه خاڪن جي فريم کان ٻاهر، تقرير نما آهن، ته ڪي سندس تحريرون ڄڻ تعزيت ناما هجن، باقي مڃڻ مراد آهي ته رڪيل کي لکڻ واهه جو ٿو اچي: سُنو سُنو، ٺڏو ٺڏو، منو منو ۽ ڪڙو ڪڙو پڻ. هتي مهاڳ لکندڙ پياري انور سان آئون هڪ نه، پر به دفعا Agreed Agreed ته، رڪيل ”پنهنجي تحريرن ۾ هميشه کان ايماندار پئي رهيو آهي، بيو مهذب، ۽ جيڪا تنقيد ڪندو، اها به سادگي ۽ سچائي سان.“

هوڏانهن سندس خاڪن واري هن ڪتاب جي نثر کي پڙهي مون کي ڪٿي ڪٿي محسوس ٿيو ته، اهڙو نثر ڪو نوخيز قلمڪار ڀيو لکي، ته ٻئي پاسي ڪي پئراگراف پڙهي لڳو ڄڻ جوان رڪيل نه، پر هن جي اندر جيڪو پيرسن ۽ پريو مڙس وينو آهي، اهو پيو ٿو ڳالهائي. مثال طور وٽس بار بار استعمال ٿيندڙ لفظ ”سچ پچ ته... سچ پچ ته...“ آهي. جيڪو مون يا ته محمد ابراهيم جويو صاحب جي واتان گهڻو ٻڌو يا مدد علي سنڌي جي گفتگو ۽ تحريرن ۾ ڏٺو.




رڪيل پنهنجي جن عزيزن قريبن بابت خاڪا لکيا آهن، انهن ۾ خود سندس والد صاحب بابت لکيل خاڪو، جنهن جو عنوان آهي: ”هن جو نالو جاڙو خان“ ـ ۽ چا ته شاندار خاڪو آهي، جنهن ۾ عجب عجب جهڙا انڪشاف آهن... مثال طور، بقول رڪيل جي: ”بابو جاڙا خان پنهنجي پيءُ جو چوٿون نمبر پُٽ هو، ته آئون به 'الهه رکيو، رڪيل' جاڙي خان کي چوٿين نمبر تي ڄائس.“ پنهنجي والد صاحب بابت هيءَ به ڪيڏي نه سچي، سون جهڙي ڳالهه لکي اٿائين ته،”بابو بيحد بااعتماد شخص هو. ڌرتيءَ تي هلندو هو ته پيرن هيٺان، مٿائنس اعتماد نڇاور نڇاور پيو ٿيندو هو. امان کان سواءِ ڪيس هڪ محبوبا به هئي، جيڪا پيرسنيءَ ۾ به بوسڪيءَ وانگر ملائم ۽ مکڻ وانگر نرم نرم هئي.“

هتي هي به عرض ڪريان ته، خاڪي کي انگريزي ۾ سڏين Sketch، جنهن جي معنيٰ عڪس يا تصوير، تڏهن جديد دنيا ۾ تصوير هڪ ته Stillٿئي، ٻي Moving، معنيٰ چرندڙ پُرندڙ. هاڻي ان خيال سان رڪيل جا خاڪا پڙهيم ته حيرت انگيز ڳالهه اها ڏٺم ته، جڏهن هو ڊاڪٽر لائق زرداري، تاج جويي يا ادل سولنگيءَ کي سفاري سوٽ ۾ ٿو ڏسي ته، اسان جي سامهون انهن ٽنهي هستين جو سفاري سوٽ Stillتصوير ٿي سامهون اچيو وڃي. هتي ان ۾ ڏَس ۾ هي به عرض ڪندو هلان ته، سنڌي ادب ۾ سفاري سوٽ ۾ مون کي ذاتي طرح سان يا تاج جويو وٽيو يا شريمان هيرو نڪر، باقي ٻيا ته الائي چو تا سفاري سوٽ پائين!

ايئن ڪِن خاص شخصن جي چرپر ڊيڪارڻ ۾ به ته رڪيل ماهر نظر آيو، مثال طور جڏهن لکي ٿو ته، ”راشد موراڻي پن جي ٻيڙي وات ۾ وجهي هڪ هٿ جي آڱوٺي سان پئي هٿ جي تري مهٽي،“ تڏهن رڪيل جي اهڙين سٽن ۾ راشد موراڻي ڄڻ اکين جي اڳو اهڙي عمل ۾ شدت سان مصروف ٿو نظر اچي. ائين راشد صاحب جي غصيلي مزاج بابت هو لکي ٿو، ”هو ڪاوڙ جو ايترو ته تيز هو جو استاد بخاري به ڪانئس 'ڪٺ' ڪائيندو هو.“ اڙي واهه، هي لفظ ”ڪٺ“ ورهين بعد ڪنهن تحرير ۾ پڙهيو اٿم، جنهن جي لاءِ قرب قرب پيارا رڪيل.

اسان جي هن يار قلمڪار رڪيل، جنهن هن ڪتاب ۾ باوقار ليکڪا ماهتاب محبوب صاحبه کان وٺي نهايت اهم هستين: مير محمد پيرزادي، تاج جويي، مشتاق باگاڻي، خليل مورياڻي، گل محمد عمراڻي ۽ عبدالقادر منگي وغيره تائين پنهنجي حصي جا مشاهدا ته اسان سان Shareڪيا آهن، پر وڏي ڳالهه ته ڊاڪٽر سليمان شيخ جهڙي عظيم سماجي خدمتگذار هستيءَ کي ارپيل هن ڪتاب ۾ هن پارت ۾ رهندڙ سدا حيات آنند کيماڻي ۽ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بابت به ڏاڍا دل کي ڇُهندڙ خاڪا (نما) لکيا آهن. اجهو مختلف هستين جي هن گلدان ۾، مون بي خبر لاءِ، هيءَ به ڪيڏي نه معلومات، ته دلبر دلربا شخصيت جو مالڪ ”عظيم سنڌي،“ جيڪو موري جي ماڻهن ۾ هڪ ”مور“ شخص هو ۽ جنهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي باوجود سرڪاري نوڪريءَ بدران ٽيلر ماسٽر ٿي پورهيو ڪيو ۽ بقول رڪيل جي، موري شهر جي اڌ آبادي هن عظيم سنڌي جي هٿ جا سبيل ڪپڙا پائڻ پسند ڪندي هئي.

آئون پانئيان ٿو ته منفرد عنوان واري هن ڪتاب ”شخصن جي آس پاس“ ۾ جن جن شخصيتن بابت ۽ جيڪي ڪجهه لکيل آهي، اهو نهايت ئي سليقي، جديد نثر ۽ پنهنجي ڊنگ سان تحرير ٿيل آهي ۽ جنهن جي سنڌي ادب ۾ سدائين ”دستاويز“ واري حيثيت رهندي... ”۽ بس.“ ■

## جنگ ۽ امن

امر پيرزادو



جنگ ۾
سمنڊ تي
پکين جون اڏارون ڏسي
امن جي آس
تازي ٿي وئي_
آسمان تي پکين جو رقص
ئي سونهين ٿو
ڊرون ميزائيل ۽ بم ته
آسمان جي سيني ۾ خنجر آهن
فطرت جو قتل آهن_
آسمان رت ۾ ڳاڙهو
ڌرتي رک ٿي چڪي
ٻارڙين جا سوين لاش به هاڻي
انساني دل کي جهونجهاڙن نه ٿا_
ڪاش انساني ساهه به
تيل گئس جو
ڪو سوڙهو لنگهه هجي هان
جنهن جي بند ٿيڻ تي
سڀ بي چين ٿين هان
لالچن ۽ غرض جي مرض ۾
مبتلا حڪمرانن
ڇا ماڻهن کي به مٿائي ڇڏيو آ؟
جنگ وانگي
هي به هڪ سانحو آ! ■


## وڏي لڙائي ننڍين لڙاين کي ڪائي رهي آهي

ايران سان آمريڪا ۽ ايران جي هلندڙ وڏي لڙائيءَ ۾ دنيا جي مختلف خطن ۾ هلندڙ ننڍيون لڙايون لِڪي ويون آهن. پاڪستان ۽ افغانستان جي جنگ، غزه تي اسرائيلي ڪاهه، لبنان تي ٿيندڙ اسرائيلي توڙي اسرائيل تي حزب الله جا ٿيندڙ حملا، روس ۽ يوڪرين جنگ ۽ اهڙيون ٻيون ويڙهيون، پسمنظر ۾ هليون ويون آهن. رڳو ايران سان آمريڪا ۽ اسرائيل جي ويڙهه ماڻهن جي ذهنن جي پردي تي هلي رهي آهي. ■ *جمال*

”جنهن ماڻهوءَ ڪي تُنهنجو پيارُ مليو آهي_ تَنهن ماڻهوءَ ڪي ڪهڙي دولت گهرجي بِي؟“ — اياز گل

# ماڻهن ڪان مليل پيارُ منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهي

اياز گُل




**اسان جڏهن پنهنجي زندگيءَ جو تجزيو ڪيون ٿا، جيڪو سفر ڪري آيا آهيون، 67 هين سالگرهه آهي منهنجي، انهن 67 سالن ۾ جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، ذهني طور تي، جسماني طور تي، روحاني طور تي، اُهو اِهو آ تہ، ماڻهو توهان جي جيڪا عزت ڪن ٿا، جيڪو ماڻهو توهان ڪي مانُ ڏين ٿا، جيڪا ماڻهو توهان سان محبت ڪن ٿا، اها وڏي ڳالهہ آهي. توهان جي زندگيءَ جو جيڪڏهن ڪو سرمايو آهي، تہ اهو آهي پيارُ، جيڪو ماڻهو توهان سان ڪن ٿا. جيڪو ماڻهو توهان ڪي مانُ ڏين ٿا، جيڪا ماڻهو توهان جي عزت ڪن ٿا، ۽ اهو مانُ، اهو پيارُ، اها عزت توهان ڪي ملي ڇوٿي؟ توهان جي ڪم جي ڪري.**

مُنهنجو شعر آ هِڪڙو:
”جنهن ماڻهوءَ ڪي تُنهنجو پيارُ مليو آهي
تَنهن ماڻهوءَ ڪي ڪهڙي دولت گهرجي بِي؟“

ڪڏهن ڪڏهن مان پاڻ ئي انهيءَ شعر ڪي (هن طرح) بگاڙيندو آهيان....
”جنهن ماڻهوءَ ڪي تنهنجو پيار مليو آهي
تنهن ماڻهوءَ ڪي ڪهڙو ڦاهو گهرجي بِيو؟“
(ٽهڪ)

مانائتا سائين سيد نُور رضوي صاحب!
سائين محمد نواز چنڊ صاحب!
منهنجا پيارا مختيار ملڪ صاحب!
پيارا قربان منگي صاحب!
پيارا اَمَرَ!
۽ منهنجا سمورا دوستو!

هاڻي تہ تمام ٿورڙا ئي وڃي بچيا آهن... سيني جا نالا ڪٽي سگهجن ٿا. سيئي منهنجا مانائتا دوست آهيو.

سڀ ڪان پهريان تہ مان بيحد ٿورائتو آهيان قربان منگي صاحب جو، پنهنجي پياري دوست جو.... جيئن قربان چيو تہ، اسان جي سال ٻن جي دوستي ڪونهي، سالن جي دوستي آ، اڌ صديءَ جي دوستي آ...

اڳي سوچيندا هئاسي تہ، صدي ڇا هوندي آ؟! ۽ حيران ٿي ويندا هئاسي تہ، صدي؟!! هيءُ هِنَ صديءَ جو ماڻهو آ، هيءُ هُنَ صديءَ جو ماڻهو آ.... تہ اڌ صديءَ جي دوستي آهي مختيار سان، قربان سان.... وڏو عرصو آهي. قربان جي محبت آهي اها، سندس پيار آهي. ڪوڙ ماڻهو آهن دنيا ۾، پيا آهن، ۽ انهن جو ڪم بہ آهي. ائين بہ ناهي تہ هو ڪم نہ ٿا ڪن. ڪوڙ ماڻهو ڪم ڪن ٿا.... پر اها قربان جي محبت آهي، تہ هو هر سال هن قسم جا ميڙا مچائيندو رهي ٿو، ۽ توهان دوستن سان ملڻ جو هِڪڙو موقعو فراهم ڪري ٿو. هن جا، ۽ هن جي سمورن دوستن جا ٿورا، هن اڪيڊميءَ جي انهن دوستن جا ٿورا، جيڪي هتي ڪم ڪن ٿا، خدمت ڪن ٿا توهان اسان، سيني جي.

نواز چنڊ صاحب توهان جي آڏو ڳالهہ ڪئي... 1980ع ۾ مون داخلا ورتي هئي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾. ان زماني زماني ۾ شاهہ لطيف ڪئمپس هئي، ۽ مون ڪي ڇٽو ياد آهي تہ، ڊسمبر جو مهينو هو، 28 ڊسمبر 1980ع، جڏهن نواز چنڊ صاحب جي شادي ڊڪليئر ٿي هئي. ڪئي الائي ڪڏهن هيئون؟ (کِلندي). سو، اها ڊڪليئر ٿي، ۽ مون ڪي ان ڪري بہ ياد آهي، جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون پيرو، ان شاديءَ ۾ سازن تي ڳايو هو. مون ڪي اهو هميشہ ياد رهندو، ڇو تہ ان ڪان پوءِ وري ڪڏهن اهڙو موقعو ناهي مليو، جو سازن تي ڳائي سگهيو هجان... پر ان وقت ڳايو هيم....

۽ اها بہ حقيقت آهي، تہ اتفاق اهڙو رهيو آ، جو هڪڙو چنڊ صاحب اهڙو ماڻهو رهيو آ، جنهن سان گڏجي، استادن جي هڪ ئي گروپ ۾، مون ڪم نہ ڪيو.... نہ تہ، چنڊ صاحب سان ٻيا جيڪي ماڻهو گڏ هيا، ۽ اسان جو انهن سان اليڪشني اختلاف رهيو، اهي بہ ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي اچي گڏ ٿي ويا. اسد عابدي، سائينءَ وارن جي گروپ جو هيو، اسان جو دوستُ، ۽ مون سان گڏ سينڊيڪيٽ جي اليڪشن ۾ وڙهيو بہ هو، ۽ مون ڪان هڪڙي ووٽ تي ڪٽي بہ ويو هو. حميد سنڌيءَ سان جهيڙي جو وقت هيو.... آخر ۾ انهن ئي مون ڪي، پنهنجو صدر چونڊيو، ۽ مون ڪي بيهاريو تہ، توهان اسان جي طرفان صدر جي چونڊ وڙهو. پر سائين نواز چنڊ صاحب صرف اڪيلو ماڻهو رهيو، جو هي جڏهن اسان جي گروپ ۾ اچي، تہ مان اهو گروپ ڇڏي، ٻي پاسي هليو وڃان... اهو هڪ اتفاق رهيو، ڪو شعوري طور تي ڪونہ ڪيوسين. ائين ٿيندو هو، اسان مئڊم نيلوفر شيخ وارن سان شروع ڪان گڏ هوندا هئاسين، چنڊ صاحب وارا جدا هوندا هئا. جڏهن چنڊ صاحب ۽ مئڊم نيلوفر وارا گڏيا، تہ اسان عبدالمجيد چانديي صاحب وارن ڏي هليا وياسين. سو ائين بہ ٿي دوست گڏجي نہ سگهياسين.

هي اهو دؤر آ، جيڪو خطرناڪ دؤر آ لطيف يونيورسٽيءَ جو. جڏهن ان حد تائين اليڪشن وڙهي ويندي هئي، جو ٻارن کي جهليندا هئا ڪالونيءَ ۾، تہ هڪٻئي سان نہ ڳالهايو. مخالف جيڪي هوندا هئا.... ان دؤر ۾ اسان جو هڪٻئي جي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ هيو. نواز صاحب جن جا جيڪي ٻارڙا ڄايا، تہ منهنجي گهرواري انهن وٽ مبارڪ ڏيڻ وئي. اسان جا جيڪي بہ معاملا ٿيا.... ائين لڳندو هو هڪڙو ئي گهر آهي اسان جو. اچڻ وڃڻ، سيني سان ايئن ئي رهيو.... تہ هڪ محبت هئي، جيڪا اسان ڪڏهن بہ پنهنجي هٿن مان نہ ڇڏي... سڀ ڇڏي ڏنوسين، محبت نہ ڇڏيسين...

سائين نُور رضويءَ ذڪر ڪيو.... اسان گڏ سفر ڪيو آ... ارشد سائين، نُور سائين، گڏ رهياسين، ڏاڍو مزو آيو. اسان زماني ڪان هڪٻئي جا واقفڪار ۽ واسطيدار هئاسين، ۽ ٿورا گهڻا دوست بہ هئاسين، پر جيڪا ويجهڙائي اسان ڪي ايران ۽ عراق جي سفرن دوران نصيب ٿي، ۽ ان ڪانپوءِ رهندي اچي ٿي، پنج اٺ سال جيڪي گذريا آهن ويجهڙائيءَ وارا، انهن جو ڪو بہ نعم البدل ڪونهي ، ۽ نہ ئي اسان انهن ڪي ڇڏڻ پسند ڪنداسين.

مُختيارَ ملڪ جيئن ڳالهہ ڪئي تہ، سندس گهر منهنجو ٻيو گهر هيو. مختيار جي امڙ، منهنجي امڙ، مختيار جون پيڻون، منهنجيون پيڻون.... واقعي انهن ڪي خبر هوندي هئي تہ، اياز جيڪڏهن آيو آ (يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا هئاسين، تہ اڪثر مختيار جي اوطاق تي ئي هوندا هئاسين) تہ انهن ڪي ڇا پچائڻو آ، ڇا کارائڻو آ.... انهن ڪي خبر هوندي هئي. مختيار ڪي چوڻ جي ضرورت نہ پوندي هئي. اسان جي ايتري هلندي هئي. (کلندي)

سائين نور رضوي شاهد آهي، اسان گڏ شعر پڙهندا آهيون. سنڌي مشاعرا ته هوندا ئي آهن، پر جتي به، مُلڪي ليول تي به، ڪنهن سنڌي-اردو مشاعري ۾ يا گڏيل ٻولين جي مشاعري ۾، شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو آ، ته مان ڪڏهن به ٻي ٻوليءَ ۾ شعر نه پڙهندو آهيان. ڇو ته اتي مان پنهنجي ٻوليءَ جي نمائندگي ڪندو آهيان. هن ٻوليءَ مونکي، هن ديس جي ماڻهن مونکي عزت ڏني آ، ۽ منهنجو فرض آهي ته مان پنهنجي ٻوليءَ جي نمائندگي ڪيان، ۽ سنڌيءَ ۾ شعر پڙهان.




اختر جو ذڪر ٿيو. ڊاڪٽر اعجاز سمي ڳالهه ڪئي، ... No doubt اختر درگاهي اسان جي همعصر دوستن ۾ هڪ عالم آ... گهڻ ماڻهو ناهي. هڪڙي ئي وقت تي توهان کي گهڻ اهڙا ماڻهو ملندا، جيڪي سيني جڳهن تي هڪجيتري دسترس رکن، سٺا محقق هجن، سٺا راڳي هجن، سٺا شاعر هجن ۽ سٺا دوست هجن. اهي خوبيون اختر ۾ آهن. بيشڪ هن جو ڳالهائڻ ايڏو خوبصورت آ، لکڻ هن جو، سمجهائڻ هن جو...

امر اقبال ته اسان جو شاعريءَ ۽ پڻ نثر جو تمام سهڻو نالو آهي....

توهان سڀ... جبار شيخ صاحب مهرباني ڪئي جو، قربان سان حصو ڳنڍيئين ۽ اسان کي پنهنجي مٺاڻ (ڪيڪ) سان نوازيئين. توهان سيني دوستن ڳالهايو، پيار ڏنو. زندگيءَ ۾ مون ڏٺو آ.... مختيار کي خبر آ ته، سچائيءَ جا ڏوڙ به گذاري آياسين. دوست ايندا هئا ته ڏاڍو پريشان هوندا هئاسين، ته انهن کي چانهن ڪيئن پياريون؟ ايترا پئسا به نه هوندا هئا. سچي ڳالهه اها هوندي هئي. جيڪڏهن پنهنجو گهر نه هجي ها، ڪنهن مهمان کي ويهاري نه سگهجي ها، ان کي رهائي نه سگهجي ها، ته ڏاڍا خوار ٿيون ها ان زماني ۾. دوست ايندا هئا ملڻ، ڪوڙ دوست ايندا هئا، پر انهن جي اها خدمت ڪري نه سگهندا هئاسين. يقيناً ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ڪو، پئسا ئي نه هوندا هئا. هاڻي حساب ڪيان ٿو، انهن سيني شين جو، ته اسان کي هاڻي سڀ سهولتون الله سائينءَ ڏنيون آهن.... ته انهن سيني شين کان جيڪا اهم شئي اڳتي آهي نه، اها ٻي آهي. پئسو اسان کي ان زماني ۾ واقعي به اهم لڳندو هو، جيڪو اسان وٽ نه هيو، هاڻي مان سوچيان ٿو ته، اهي سڀ شيون ثانوي آهن. غير ضروري آهن. اهم شئي جيڪا آهي نه، اها توهان جي دوستي آهي. توهان جو پيار آهي. جيئن مون چيو ته:

”جنهن ماڻهوءَ کي تنهنجو پيار مليو آهي
تنهن ماڻهوءَ کي کهڙي دولت گهرجي ٻي؟“

سچي ڳالهه اها آهي ۽ ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي. اسان جڏهن پنهنجي زندگيءَ جو تجزيو ڪيون ٿا، جيڪو سفر ڪري آيا آهيون، 67 هين سالگره آهي منهنجي، انهن 67 سالن ۾ جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، ذهني طور تي، جسماني طور تي، روحاني طور تي، اُهو اِهو آ ته، ماڻهو توهان جي جيڪا عزت ڪن ٿا، جيڪو ماڻهو توهان کي مانُ ڏين ٿا، جيڪا ماڻهو توهان سان محبت ڪن ٿا، اها وڏي ڳالهه آهي. باقي ڪجهه به ناهي. توهان بنگلا ناهيو ٿا، وڏيون گاڏيون ورتو ٿا، سٺا ڪپڙا پايو ٿا، منفرد نظر اچڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا، اهي سڀ غير اهم شيون آهن. هڪڙي وقت جون شيون آهن ضرور، پر اهي توهان جي زندگيءَ جو سرمايو ناهن. توهان جي زندگيءَ جو جيڪڏهن ڪو سرمايو آهي، ته اهو آهي پيارُ، جيڪو ماڻهو توهان سان ڪن ٿا. جيڪو ماڻهو توهان کي مانُ ڏين ٿا، جيڪا ماڻهو توهان جي عزت ڪن ٿا، ۽ اهو مانُ، اهو پيارُ، اها عزت توهان کي ملي ڇو ٿي؟ توهان جي ڪم جي ڪري.

اهو ذهن ۾ رکي ڇڏيو، جنهن ماڻهوءَ جو ڪو ڪم آهي (ضروري ناهي ته اديب هجي، شاعر هجي) جيڪڏهن هو بيڪري هلائڻ وارو ماڻهو آهي، اتي ايمانداريءَ سان ڪم ڪري ٿو، هوٽل هلائڻ وارو ماڻهو آهي، اتي ايمانداريءَ سان ڪم ڪري ٿو، پروفيسر عبدالسلام شيخ وانگر پڙهائڻ سان گڏ جيڪڏهن ماربل جو ڪارخانو هلائي ٿو، ۽ ايمانداريءَ سان هلائي ٿو، ته اهو به ڪم آ، اها به ڪارڪردگي آ. ڪو به ڪم، جيڪو ايمانداريءَ سان ڪيو وڃي ٿو، سچائيءَ سان ڪيو وڃي ٿو، ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيو وڃي ٿو، اهو توهان کي زنده رکي ٿو. زندگيءَ جو وڏو سرمايو اهو ئي آهي.

مان دل سان چوان ٿو ته، مان ڪو فرشتو ناهيان. ڪيتريون ئي غلطيون ڪيون هونديون سي. مان اعتراف ٿو ڪيان. دوستيءَ ۾ به ڪيون هونديون سي. زماني سان به ڪيون هونديون سي. نوڪرين ۾ به ڪيون هونديون سي. ڪوتاهيون ڪيون هونديون سي، ضرور ڪيون هونديون سي، ۽ جيڪڏهن اوهان مان، ڪنهن به دوست سان، ڄاڻائيءَ يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾، ڪا ڪوتاهي ڪئي آهي، ته ان لاءِ مان هاڻي به معافي وٺان ٿو. ڇو ته، جيسيتائين توهان پنهنجي ڪنهن عمل کي درست سمجهندا رهندؤ ته، ’مان درست آهيان،‘ ’مان سچو آهيان،‘ ’مان صحيح آهيان، ٻيا غلط آهن...‘ ان مان جيستائين نه نڪرنداسين، تيستائين اسان کي صحيح واٽ نه ملي سگهندي. مچو، جتي جتي توهان غلطيون ڪيون آهن، جتي جتي ڪوتاهيون توهان کان ٿي ويون آهن، توهان نه ڪيون آهن، پر توهان کان ٿي ويون آهن، انهن سيني کان پاڻ ڇڏايو ۽ ڪوشش ڪيو ته هاڻي جيڪا زندگي باقي بچي آ، جيتري به آهي، گذاريون ٿا، اها سچائيءَ سان گذاريون. ايمانداريءَ سان گذاريون. ماڻهن کي عزت ڏئي گذاريون. جيڪڏهن ڪنهن دوست مون تي ٿورو ڪيو آ، ته اهو مڃي گذاريون، ته هن مون تي ٿورو ڪيو آ، هن مون کي ٺاهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آ. اهو مڃي گذاريندا سي، ته ڏاڍي سڪون واري زندگي گذاريندا سي. ۽ توهان جون اهي شيون، اهو جيڪو توهان جو وهنوار آ، اها جيڪا توهان جي سوچ آ، اها توهان کي مٿاهين مقام تي وٺي ويندي.

ڪا وڏي فلاسافي ناهي، بس توهان جي محبت آهي، جنهن هن جڳهه تي اچي ويهاريو آ. ڪم به ڪيو هوندو سي، پر ان سان گڏ الله سائينءَ جي مهرباني آ، ۽ توهان دوستن جون محبتون آهن. ڪوڙ شاعر آهن، اسان کان سٺا شاعر آهن، اسان کان سٺو لکڻ وارا، اسان کان سٺا ماڻهو موجود آهن دنيا ۾، انهن کي ممڪن آهي ته اهي سڀيئي شيون نصيب نه ٿيون هجن، جيڪي مالڪ اسان کي ڏنيون آهن، جيڪو نالو ڏنو آ، جيڪو مانُ ڏنو آ، جيڪا مڃتا ڏني آ، جيڪا محبت ڏني آ، ان جي لائق آهيون به الائي ناهيون. پر، اها ڪرم نوازي آ مؤلا جي ۽ اوهان دوستن جي محبت آهي، جو اڄ ههڙين جاين تي ويهي، ڪي چار چڱيون ڳالهيون ڪري سگهون ٿا.

ٻي ڳالهه، جيڪا مان هميشه ڪندو آهيان ته، هيءَ جيڪا به عزت آهي، جيڪو به مانُ آهي، جيڪا به موٽ اسان کي ملي آ، اها اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي ڪري ملي آهي. منهنجو ايمان آ.... سائين نور رضوي شاهد آهي، اسان گڏ شعر پڙهندا آهيون. سنڌي مشاعرا ته هوندا ئي آهن، پر جتي به، مُلڪي ليول تي به، ڪنهن سنڌي-اردو مشاعري ۾ يا گڏيل ٻولين جي مشاعري ۾، شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو آ، ته مان ڪڏهن به ٻي ٻوليءَ ۾ شعر نه پڙهندو آهيان، ڇو ته اتي مان پنهنجي ٻوليءَ جي نمائندگي ڪندو آهيان. هن ٻوليءَ مونکي، هن ديس جي ماڻهن مونکي عزت ڏني آ، ۽ منهنجو فرض آهي ته مان پنهنجي ٻوليءَ جي نمائندگي ڪيان، ۽ سنڌيءَ ۾ شعر پڙهان.

ڪئي سي اردوءَ ۾ به شاعري، ۽ توهان به ڪري سگهو ٿا، ان ۾ ڪا خراب ڳالهه ڪونهي. انگريزيءَ ۾ ڪيو، اردوءَ ۾ ڪيو، پنجابيءَ ۾ ڪيو، سرائڪيءَ ۾ ڪيو. ٻولين سان ڪو به رنج رسامو ڪونهي ڪو، پر جڏهن به، جتي به توهان کي اهو موقعو ملي ٿو، توهان کي سنڌي شاعر جي حيثيت ۾ گهرايو وڃي ٿو، توهان کي عزت ان جي ڪري ملي ٿي ته توهان سنڌي شاعر آهيو، سنڌي ٻوليءَ جا شاعر آهيو، ته پوءِ پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت ڏيو. مان لطيف سائينءَ جو انهيءَ حوالي سان انتهائي پيروڪار آهيان، ته پنهنجي ٻولي جيڪا آهي.... هُو فارسي به ڄاڻيندو هو، عربي به ڄاڻيندو هو، عالم هو پنهنجي دؤر جو، فلاسافر هو وڏو، پر هن چيو ته:

”جي تون فارسي سکين، گولو تان غلام.“

صرف ان جي ڪري ته، سرڪاري ٻولي فارسي هئي ان وقت جي. بادشاهن جي ٻولي فارسي هئي. هن ڏٺو ته، اهو جيڪو سڄو عمل هلي ٿو فارسيءَ ۾، جيڪڏهن اهو ائين ئي برقرار رهيو ته، اسان جي ٻولي ته الائي ڪاٿي وڃي پهچندي! ختم ٿي ويندي، ان ڪري هُو اتي بيهي رهيو ته، پنهنجي ٻوليءَ ڏي اچو، پنهنجا ڪردار ڪڍو، پنهنجن ماڻهن کي اهميت ڏيو، پنهنجن ماڻهن کي ڳايو، پنهنجي ٻوليءَ کي ڳايو، پنهنجي ديس کي، وڻن ٽڻن کي، گُلن ٻُوٽن کي ڳايو، جبلن، پهاڙن، ندين نالن کي ڳايو. مان ڪو انقلابي ماڻهو ڪونهيان، نه ئي اهڙو دعويدار آهيان، ته ڪو مان وڏو انقلاب ٿو آڻيان. پر مان سمجهان ٿو ته، منهنجي ٻوليءَ جو مون تي فرض آهي ته، مان پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت ڏيان، ۽ ان کي ٻين ٻولين تي فوقيت ڏيان.

اهو سلسلو، ڪوشش ڪبي ته، ائين ئي رهندو اچي، باقي زندگي خبر ناهي ته الائي ڪيتري آهي! ڏکيا ڏکيا مرحلا گذاري آياسي، ڊڄندا هئاسي، پر هاڻي اسان کي ڪا پرواهه ڪانهي، پر جيڪا ايمانداري آهي، اهو چوڻو آ، اهو ڳالهائڻو آ. جنهن به انداز ۾ چئي سگهياسي، چونداسي... ان ۾ ڪوئي رک رکاءُ ناهي ڪرڻو. توهان دوستن جو مان بيحد ٿورائتو آهيان، جن اڄوڪي هن محفل ۾ ڳالهايو. ڏاڍو سٺو ڳالهايو. ۽ جيڪي صرف موجود رهيا، ۽ دوستن جون ڳالهيون ٻڌئون. انهن جو به اوترو ئي ڪنٽريبيوشن آهي، انهن جي به ايتري ئي مهرباني آهي.

سائين نور رضوي ۽ ارشد رضويءَ وارا پري وڃڻا هئا، پر ويٺا رهيا آهن، ۽ ائين ئي نواز چند صاحب اڄڪلهه ملڪ کان ٻاهر ٿو رهي، ڪڏهن انگلينڊ ۾ گذاري ٿو، ته ڪڏهن آمريڪا ۾، سندس فئملي ٻاهر ٿي رهي، پر جيڪي چند ڏينهن هتي آيو آ، ان مان وقت ڪڍي آيو آ، اهي هن جا لک لائق آهن، محبت آهي. اها محبت هُنَ سان، توهان سيني دوستن سان، قائم رهي، مان اها ئي دعا ڪيان ٿو.

توهان جي تمام گهڻي مهرباني.... ■

*(6 مارچ 2026ع، نامور شاعر اياز گل جي 67 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي، پوئيٽ پبلشنگ هائوس پاران سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور ۾ ساڻس رچايل رهاڻ ۾، سندس ڪيل في البديهه تقرير)*

# طب جي شعبي ۾ مصنوعي ذهانت جو ڪردار

مرلي ڌر



مصنوعي ذهانت (AI)هاڻي مستقبل جي ڳالهه ناهي رهي، پر اها حال جو سچ آهي، جنهن جو صحت جي مامرن ۾ به وڏو عمل دخل ٿي ويو آهي. سائنس متحرڪ ٿئي ٿي ۽ ان ۾ نيون ايجادون ٿينديون رهن ٿيون. تشخيص کان وٺي مرض ۽ مريض جي ضرورت مطابق علاج ۾ مصنوعي ذهانت انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. ان سان علاج جا نتيجا به بهتر ٿا نڪرن ۽ لاڳت به گهٽجي ٿي.

ان سلسلي ۾ ٽي اهم نقطا سمجهڻ ضروري آهن: پهريون مشين لرننگ يعني مشيني ڏاهپ. ان ۾ اسان ڪمپيوٽر کي مواد ڏيندا آهيون. ان ۾ ڪمپيوٽر کي ڪو خاص حڪم ناهيون ڏيندا. فقط طب جا ڪجهه مريض ۽ انهن جا انگ اکر جهڙوڪ مرداڻي غدود جي ڪينسر بابت ڪجهه مواد ڏبو. ڪمپيوٽر پاڻ مرادو مصنوعي ذهانت جي مدد سان ڪجهه نتيجا ڪڍي اوهان اڳيان پيش ڪندو، باقي ڪم ڊاڪٽر جو آهي. فيصلو ڊاڪٽر ڪندو. ٻين لفظن ۾ اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته. مشيني ڏاهپ هڪ سيکڙاٽ ڊاڪٽر وانگر آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ ٿيل ڪيترن ئي مريضن جي بيمارين جي انگن اکرن مان سکي ٿو ۽ مواد جمع ڪري پنهنجي سينئر کي ڏئي ٿو. اهو ڪم اڄڪلهه مصنوعي ذهانت ڪري ٿي.

ٻي آهي ڊيپ لرننگ (Deep learning) يعني مصنوعي ذهانت . جيڪا ايڪسريز کي پڙهي سگهي ۽ تصويرن کي پڙهي سگهي. اهو انسان وانگر مصنوعي تنتي سرشتي جهڙو آهي، جنهن کي نيورل نيٽورڪ ٿا چون، جهڙوڪ انساني دماغ جا بنيادي جز نيوران هجن، ان تحت سي ٽي اسڪين تي ننڍا پٿر ۽ انهن جي سختي، نرمي ڏسي سگهڻ، ايم آر آءِ ۾ مرداڻي غدود جي ڪينسر جي تشخيص ڪرڻ ۽ اهو هنڌ ٻڌائڻ، جتي ڪينسر آهي ته جيئن ان خاص جڳهه جي بائپسي وٺي سگهجي. ان سان ڪينسر جي تشخيص ۾ مدد ملندي.

اينڊواسڪوپي/سسٽواسڪوپي يعني مثاني جو ڪيمرا رستي معائنو، ان ۾ ڪينسر، جيڪو انساني اک کان اوجهل هجي، ان کي مصنوعي ذهانت جي ڊيپ لرننگ (Deep learning) ڳولهي ڏيندي. ائين ڪا به ڪينسر تشخيص کان رهجي نه ويندي. ائين چئجي ته ڊيپ لرننگ ڪا وڏي پيماني جو تجربيڪار ريڊيالوجسٽ يا اينڊويورالوجسٽ آهي.

ٽيون آهي نيچرل لينگويج پروسيسنگ . (Natural language processing)اهو مصنوعي ذهانت جو ٽيون اهم جز آهي، جيڪو طب جي سائنس ۾ اهم آهي. اها ڪمپيوٽر جي اها ساڃاهه آهي جيڪا طب جي زبان سمجهي ٿي ۽ ڊاڪٽرن جي ٻولي سمجهي ٿي. مثال طور اها ڊاڪٽرن جا لکيل نوٽس پڙهي سگهي ٿي، مريض جي سمري پڙهي سگهي ٿي ۽ پيٿالوجي يعني ڪنهن عضوي يا ڪينسر جي ٽڪري جي خوردبيني چڪاس واري رپورٽ کي پڙهي سگهي ٿي. ڪمپيوٽر هزارين غدودن جي آپريشن متعلق مواد پڙهي بغير ڪنهن وقت ضايع ڪرڻ جي ان آپريشن جون پيچيدگيون، خون جو ضايع ٿيڻ، پيشاب واري نلڪي جا ڏينهن ۽ اسپتال ۾ داخلا جو مدو ڪن پل ۾ ڪڍي ڏيندي. اها پاڻ مرادو مريض جو مختصر رڪارڊ ترتيب ڏيندي ۽ مواد کي پڻ ترتيب ڏيندي. انهن ڪمن ۾ انسان جو تمام گهڻو وقت به ويندو آهي ۽ اهو ڪرڻ ۾ ڏکيائي به ٿيندي. ائين چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته قدرتي ٻولي جي جوڙجڪ ڄڻ ڪا ماهر سيڪريٽري آهي، جيڪا طبي ٻولي سمجهڻ جي ماهر آهي.

ٿنهي جزن جو تت هي آهي ته، مشين لرننگ، مشيني سکيا مريضن جي مواد مان سکندي آهي، ڊيپ لرننگ يعني ڳوڙهي سکيا خاڪن، تصويرن يا ايڪسريز ۾ منجهيل، ڏکين انگن اکرن ۽ خاڪن کي سلجهائيندي آهي ۽ نيچرل لرننگ پروسيسنگ، طبي مواد ۽ رپورٽن کي پڙهندي ۽ سولو ڪندي آهي.

جيڪڏهن هٽرادو ذهانت جي، گردي ۽ مثاني جي شعبي ۾ استعمال جي ڳالهه ڪجي ته مرداڻي غدود جي ڪينسر جي تشخيص، پٿريءَ جي بيماري ۽ روبوٽ رستي آپريشن: ان سڀ ۾ مصنوعي ذهانت جو وڏو حصو پتي آهي. مصنوعي ذهانت آپريشن جا نتيجا به آپريشن کان اڳ ئي ٻڌائي ٿي. ڪنهن خاص مريض ۾ غدود جي ڪينسر ٿيڻ جو ڪيترو خطرو آهي، اهو به ٻڌائيندي. پي ايس اي (PSA) جيڪا ڪينسر جي وقت تي تشخيص جي هڪ چڪاس آهي، ان جا انگ اکر ڏسي مصنوعي ذهانت ٻڌائيندي ته، مرداڻي غدود ٿيڻ جو خطرو ڪيترا سيڪڙو آهي. اهو به پيشگي ٻڌائيندي ته هن مريض ۾ آپريشن کان پوءِ فائدو ڪيترو ٿيندو، پيچيدگي ٿيڻ جا امڪان ڪيترا آهن ۽ مرض جي ٻيهر ٿيڻ جا امڪان ڪيترا آهن؟ اهو سڀ ڪجهه مصنوعي ذهانت ٻڌائيندي. اهو وڏو ڪم آهي. پيٿالوجي يعني گوشت جا ٽڪر خوردبيني ۾ ڏسڻ، مرض جون سلائيڊ پڙهي ڪينسر جي تشخيص، ڪينسر جي جيو گهرڙن جي سڃاڻپ ۽ اها ڪينسر ڪيتري چيڙاڪ ۽ قاتل ثابت ٿيندي، اهو به مصنوعي ذهانت ٻڌائيندي. ان سان ڊاڪٽر کي علاج ڪرڻ ۾ سهولت ٿيندي.

مريض جو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ، موڪل جي سمري ناهڻ، تحقيق ۾ مدد ڪرڻ ۽ تحقيقي مضمون لکڻ ۾ مدد ڪرڻ وارا ڪم به مصنوعي ذهانت ڪندي. روبوٽ ذريعي آپريشن مصنوعي ذهانت جو هڪ اهڙو مثال آهي، جنهن سان ڏکيا آپريشن سولا ٿيو پون، رت گهٽ ٿو وهي، آپريشن جا نتيجا شاندار ٿا نڪرن، وڏو خرچ به ڪونه ٿو لڳي ۽ مريض جلدي گهر ٿو وڃي. هرنيا (ڇن) جو خطرو گهٽ آهي. اڳ هڪڙي ئي ڪمپنيءَ جي هڪ هٽي هئي، هاڻي ڪافي ڪمپنيون روبوٽ ناهڻ پيون. اميد ڪجي ٿي ته پاڪستان به روبوٽ ناهي ان ڊوڙ ۾ شامل ٿيندو.

اڄڪلهه ان تي به ڪم هلي پيو ته، سرجن هڪ ملڪ ۾ ۽ مريض هزارين ميل پري، ٻئي ملڪ ۾ روبوٽ رستي ان جو آپريشن ڪندو. اهو ڪجهه مريضن ۾ اڳ ۾ ٿي چڪو آهي، پر هاڻي ان کي عام ڪرڻو آهي ته جيئن سرجن يا مريض کي سفر ڪري ٻئي هنڌ نه وڃڻو پوي. اڳتي هلي آپريشن دوران روبوٽ سرجن کي اهو به ٻڌائيندو ته، اتي نس اٿئي، احتياط ڪر، متان مشڪل ۾ پوين.

اها منزل به پري ڪونهي جڏهن روبوٽ جي ڪمپيوٽر ۾ مريض جا انگ اکر وجهبا ۽ روبوٽ پاڻ مرادو آپريشن ڪندو. اها ڳالهه اڄڪلهه بحث هيٺ آهي ته. ذميداري ڪنهن جي هوندي؟ ظاهر آهي ذميداري سرجن جي هوندي. ڪورٽ ڪچهري جا چڪر روبوٽ نه ڪاٽيندو، سرجن ڪاٽيندو. اڳتي هلي اهڙا سسٽواسڪوپ وجود ۾ ايندا، جيڪو ڪجهه انساني اک نه ڏسي سگهندي. سسٽواسڪوپ ڏسندو ۽ ايتري تائين جو مستقبل ۾ ٿيندڙ ڪينسر جي خبر ڏيندو. ان کي سمارٽ سسٽواسڪوپي چيو وڃي ٿو. مصنوعي ذهانت جين واري سائنس، پي ايس اي ، ايم آر آءِ، بائپسي ۽ مريض جي رهڻي ڪهڻيءَ کي ڏسندي ٻڌائيندي ته، ڪينسر ڪيتري وڇڙندڙ هوندي؟ ان جو علاج آپريشن سان ٿيندو يا بغير آپريشن جي ٿيندو؟

مصنوعي ذهانت طبي معلومات کي سهيڙي مرض جي تشخيص ۽ ان جي علاج ۾ مدد ڪري ٿي. اڳتي هلي روبوٽڪ نرسنگ جو دور ايندو، جنهن سان مريض جي تيمارداري ۽ سارلهڻ ۾ سهولت ٿيندي. ان ۾ مواد جي رازداري کي به نظر ۾ رکڻو پوندو ۽ ڪجهه اخلاقي معيار به نظر ۾ رکڻا پوندا. علاج وٺڻ ۽ علاج ڏيڻ وارن: ٻنهي کي مصنوعي ذهانت لاءِ ذهني طرح تيار ڪرڻو پوندو.

سرجريءَ ۾ مصنوعي ذهانت جو وڏو عمل دخل آهي. سرجنس جي هڪ ٽيم ڪپي. مريض جي مفادن جو خيال رکڻ اهم آهي. اها سرجنس جي ٽريننگ ۾ به وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. آپريشن دوران رهنمائي جو ڪم به مصنوعي ذهانت ڪري ٿي. روبوٽ ۽ مصنوعي ذهانت جي مدد سان آپريشن جديد طب کي گهڻو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ائين چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته، مصنوعي ذهانت مريضن جي علاج ۽ ان جا شاندار نتيجا حاصل ڪرڻ جو انقلابي ڪم ڪري ڇڏيو آهي. هڪ تحقيق جيڪا روبوٽڪ سرجري جرنل جي جون 2025 جي شماري ۾ ڇپي لکيل آهي، ان مطابق مصنوعي ذهانت جي مدد سان ڪيل آپريشن ۾ 25 سيڪڙو وقت بچيو ۽ آپريشن دوران 30 سيڪڙو پيچيدگيون گهٽيون. ساڳئي جرنل ۾ لکيل آهي ته، آپريشن ڪرڻ وقت 40 سيڪڙو روشنائي يا ڪٽي چئجي ته صفائي سٺرائي يا ڪٽي چئجي ته آپريشن ڪرڻ ۾ سولائي وڌي. مريض جو تندرست ٿيڻ 15 سيڪڙو جلدي ٿيو ۽ سور به گهٽ ٿيو. روبوٽ وسيلي آپريش رستي سرجن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت 20 سيڪڙو وڌي.

اهڙن ڪيترن فائدن هوندي به ڪجهه ڳالهيون طئي ٿيڻ باقي آهن. جهڙوڪ اخلاقي ۽ قانوني پيچيدگيون حل ڪرڻ ضروري آهن. مصنوعي ذهانت ۾ ڪا خرابي، فيصلن ۾ شفافيت ۽ مريضن کي آپريشن جا فائدا نقصان ٻڌائي آپريشن جي اجازت وٺڻ جا مامرا سڀ شامل آهن. هڪ تحقيق مطابق دنيا ۾ 01 ارب 34 ڪروڙ ڪم ۾ ايندڙ آءِ فونون آهن. سمورا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون مصنوعي ذهانت پڙهائن ٿيون ۽ نيورو سرجري ۾ ملي ميٽر کان به گهٽ سائيز وارا اوزار دماغ ۾ روبوٽ رستي وجهي سگهجن ٿا. اهو برطانيا جي هڪ نيورو سرجن لکيو. سرجن وڌيڪ لکيو آهي ته، مصنوعي ذهانت جي مدد سان ڪرنگهي مان ڪينسر جو ڳوڙهو بغير وڏي چيري جي مصنوعي ذهانت جي مدد سان ڪڍيو ويو . هو چوي ٿو ته مصنوعي ذهانت جو وڏو ڪارنامو آپريشن واري جڳهه کي نمايان ۽ روشن ڪرڻ آهي. اهڙو ڄڻ سج جي روشني... سوجهرو ئي سوجهرو. سرجن جا ڏڪندڙ هٿ به مريض جو ڪجهه ڪونه ٿا بگاڙين. روبوٽ جون ٻانهون سرجن جي ڏڪندڙ هٿن جي عيب کي ڍڪينديون. آپريشن ۾ ان ۾ سرجن جو فيصلو مٿاهون هوندو ۽ ذميداري به سرجن جي هوندي.

ايندڙ نسل جي تربيت ۾ به مصنوعي ذهانت جو وڏو حصو پتي هوندو. مصنوعي ذهانت تشخيص، مريض جي علاج، سرجري، دوائن جي تحقيق، ٽيليميڊيسن ۽ ايڊمنسٽريشن: سڀني ۾ بهتري آندي آهي. اها اڳتي هلي مريض جي ڀلي لاءِ وڌيڪ ڪم ايندي. روبوٽ رستي آپريشن طب جي سائنس جو روشن آئيندو آهن، جنهن تي سمورن سرجنس ۽ سمورن مريضن (جتي جتي ضروري آهي) جو بغير ڪنهن فرق جي حق آهي. ■



**جيڪڏهن هٽرادو ذهانت جي، گردي ۽ مثاني جي شعبي ۾ استعمال جي ڳالهه ڪجي ته مرداڻي غدود جي ڪينسر جي تشخيص، پٿريءَ جي بيماري ۽ روبوٽ رستي آپريشن: ان سڀ ۾ مصنوعي ذهانت جو وڏو حصو پتي آهي. مصنوعي ذهانت آپريشن جا نتيجا به آپريشن کان اڳ ئي ٻڌائي ٿي. روبوٽ ذريعي آپريشن مصنوعي ذهانت جو هڪ اهڙو مثال آهي، جنهن سان ڏکيا آپريشن سولا ٿيو پون، رت گهٽ ٿو وهي، آپريشن جا نتيجا شاندار ٿا نڪرن، وڏو خرچ به ڪونه ٿو لڳي ۽ مريض جلدي گهر ٿو وڃي.**

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ صحافي جان خاصخيلي جي 20 مارچ تي چوٿين ورسي آهي.

# جان خاصخيليءَ جي بي ترتيب آتم ڪٿا

ابو رافع

اسان جو نهايت پيارو دوست، ليکڪ ۽ جڳ مشهور صحافي جان خاصخيلي بنيادي طور ننڍي ڪهاڻيءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار هئو يا نظم جو به وڏو ڪوتاڪار هئو؟ اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي _ ۽ هن جڏهن صحافت ۾ پير پاتو ته، ان سان هن بيحد خوبصورت نموني نڀاءُ ڪيو ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين نڀاءُ ڪيو.

ڪيترا شخص صحافت ڪن ٿا، پر جان خاصخيلي صحافت ۾ به تخليقڪار هئو. اها سندس لکڻ جي نرالي خوبي هئي، جيڪا هر ڪنهن صحافيءَ ڪي نصيب نه ٿيندي آهي. صحافت جي دائري ۾ لکيل سندس رپورٽون، ڊائريون، جائزا ۽ فيچر پڙهي سندس صحافي هئڻ جو يقين ته هُئوئي، جنهن ڪي هن زندگيءَ جو وڏو حصو ڏنو، پر سندس تازو اسان جي دوستن: حبيب سنائي ۽ ممتاز خاصخيليءَ جي ڪوشش سان جان جي سهيڙيل ۽ تڪڙو ڇپايل ڪتاب "سفر زندگيءَ جو" پڙهي هڪ نئين حيرت ۾ وڃي ويو آهيان.

هن ڪتاب ۾ شامل ڳالهيون، يادون ۽ ملاقاتون آهن. اهو سڀ ٽائيٽل پڌرو ڪري ٿو، ۽ جيڪو لکيل نه آهي، اهو اهو آهي ته ڪتاب ۾ شامل مڙني ليکن ۾ جيڪو جان جو تخليقي انداز اڀري چِٽو ٿي بيٺو آهي، اهو وري مون ڪي هيءُ جملو چوڻ لاءِ اتساهي ٿو ته، "جان اول ڪوتاڪار ۽ پوءِ ڪهاڻيڪار هو، باقي سڀ پوءِ!"

هن ڪتاب ڪي سندس ياد طور ڌيان سان پڙهڻ کان پوءِ جان جو صحافتي ڪردار ته ظاهر ٿيو آهي، پر ان صحافتي ڪردار کان گهڙي پل به سندس ڪهاڻيڪار الڳ نه ٿيو آهي. شايد اهو سندس لکڻ جو حيرت ڏيندڙ اسلوب آهي. هن ڪتاب ۾ سندس ليکن جو وڏو حصو شخصي خاڪن نما ليکن جو آهي. جيڪڏهن هنن ڪي خاڪا سمجهڻ تي ضد ڪبو ته، ان ڳالهه ڪي يقين سمجهبو ته، موجود نثري صنفون پنهنجو دائرو ويڪرو ڪري رهيون آهن. اڳتي هلي انهن جي ڪا به الڳ هڪ صنف طور سڃاڻپ ڪرڻ ڏکي ٿيندي. پڪ سان اهو هڪ وسيع تجربو ڳڻايو ويندو ۽ ان تجربي جو بنياد جان خاصخيليءَ جو هيءُ ڪتاب بڻبو، جنهن جو نالو "سفر زندگيءَ جو" آهي.


جنهن لکندڙ ڪي جيڪو ڪجهه لکڻو آهي، اهو انهيءَ جي اختيار هيٺ آهي. ائين منهنجو لکڻ منهنجي اختيار ۾ آهي. هن ڪتاب ڪي سندس ياد طور ڌيان سان پڙهڻ کان پوءِ جان جو صحافتي ڪردار ته ظاهر ٿيو آهي، پر ان صحافتي ڪردار کان گهڙي پل به سندس ڪهاڻيڪار الڳ نه ٿيو آهي. شايد اهو سندس لکڻ جو حيرت ڏيندڙ اسلوب آهي.

ڪڏهن ائين به ٿيو ته، سندس ننڍي ڪهاڻيءَ تي ڳالهائيندڙن اهو گمان ظاهر ڪيو ته، "اهي جهڙا نظم هجن! _ ۽ سندس نظمن بابت چيو ويو ته، اهي جهڙيون ڪهاڻيون هجن." اهو سڀ فقط جان جي تخليقي لکڻ سبب هُئو، ڇو ته هو بنيادي طور تخليقڪار هُئو.

هن ڪتاب ۾ سندس ليکن جو وڏو حصو اهڙن شخصي خاڪن نما ليکن جو آهي، جيڪي شخص، زندگيءَ جي الڳ الڳ شعبن سان واسطو رکندڙ هئا ۽ آهن. اهو چٽو آهي ته هي خاڪا اهڙي انداز سان يا تخليقي موڊ سان لکيل آهن، جو انهن مان انهن مڙني نثري صنفن جو سواد ايندو، جيڪي الڳ الڳ صنفن هيٺ لکيون وڃن ٿيون. پڪ سان، جيڪڏهن هنن ڪي خاڪا سمجهڻ تي ضد ڪبو ته، ان ڳالهه ڪي يقين سمجهبو ته، موجود نثري صنفون پنهنجو دائرو ويڪرو ڪري رهيون آهن. اڳتي هلي انهن جي ڪا به الڳ هڪ صنف طور سڃاڻپ ڪرڻ ڏکي ٿيندي. پڪ سان اهو هڪ وسيع تجربو ڳڻايو ويندو ۽ ان تجربي جو بنياد جان خاصخيليءَ جو هيءُ ڪتاب بڻبو، جنهن جو نالو "سفر زندگيءَ جو" آهي.

جان خاصخيلي پنهنجيءَ عمر جو سفر پورو ڪري هليو ويو، هاڻ سندس زندگيءَ ۾ تخليق ڪيل ڪم جو سفر شروع ٿيو آهي، جنهن سفر جي شروعات هِن، هڪ نهايت تخليقي لکڻين جي ڪتاب شايع ٿيڻ سان ٿي آهي.

هنن لکڻين ڪي تخليقي طور ڪنهن به هڪ صنف جي قيد کان الڳ ڪجي ته هن ڪتاب ۾ ڪهاڻيون به آهن، ڪوتائون به آهن، خاڪا به آهن، رپورٽون به آهن، ملاقاتون به آهن، شخص به آهن، انهن جون وارتائون به آهن، انهن جون حاصلاتون به آهن، انهن جو مايوسيون ۽ اداسيون به آهن، ته جان جي پنهنجي زندگيءَ جون خوشيون، جدوجهدون ۽ مستقبل جون اميدون به اوتيل آهن.




هن پنهنجي ڪردارن ڪي سماج جي اڻ ڳڻين ناهموارين جي باوجود مايوسين ڏانهن وڃڻ نه ڏنو هو. جيتوڻيڪ جان پاڻ ڪڏهن ڪڏهن اهي مايوسيون ڀوڳيندو به هئو، پر اهي گهڻي وقت لاءِ هلڻ واريون نه هونديون هيون. سندس اداس مرڪ ۽ کلندي کلندي اکين ۾ پاڻي پرجي اچڻ واري اهڙي ڪيفيت هوندي هئي، جيڪا سندس اندر جو سچ ظاهر ڪري وڃهندي هئي. حيرت ان ڳالهه جي آهي ته، جان ان ڪيفيت تي ممڪن حد تائين ضابطو رکڻ ۾ ڪامياب ويندو هئو.

هن پنهنجي ڪردارن ڪي سماج جي اڻ ڳڻين ناهموارين جي باوجود مايوسين ڏانهن وڃڻ نه ڏنو هو. جيتوڻيڪ جان پاڻ ڪڏهن ڪڏهن اهي مايوسيون ڀوڳيندو به هئو، پر اهي گهڻي وقت لاءِ هلڻ واريون نه هونديون هيون.

سندس اداس مرڪ ۽ کلندي کلندي اکين ۾ پاڻي پرجي اچڻ واري اهڙي ڪيفيت هوندي هئي، جيڪا سندس اندر جو سچ ظاهر ڪري وڃهندي هئي. حيرت ان ڳالهه جي آهي ته، جان ان ڪيفيت تي ممڪن حد تائين ضابطو رکڻ ۾ ڪامياب ويندو هئو.

منهنجي مشاهدي ۾ اها ڳالهه آيل آهي ته، جڏهن سندس خاموش خودداري ٽُٽڻ جي آس پاس هوندي هئي ته، هو ان مجلس مان ۽ ماڻهن کان پري رهڻ پسند ڪندو هُئو، جيڪا ڳالهه سندس هنن لکڻين مان پڻ چٽي ٿي سامهون اچي ٿي.

اهڙي ڪنهن به لمحي هن لکڻ کان الڳ ٿي پنهنجي ٿڪن ڪي ئي وقت ڏنو هوندو، جن جي پڇاڙي وري به سندس اکين مان تري ايندڙ ڳوڙهن تي ٿيندي هئي، خاص طور ممتاز مهر صاحب سان پوڳڻ چرچن واري ڪچهري ڪندي. هڪ اهڙي ڪچهري، جنهن ۾ اسان سندس دوستن کان ڪل نه بيهندي هئي. هن ڪتاب ۾ شايد اها خوشگوار، ان سنجيدگيءَ ۾ ملي، جيڪا سندس لکڻ واري موضوع جي گهرج هئي.

مان پنهنجي ڳالهه هتي ورجايان ٿو ته، لکڻ جي حوالي ۾ ڪيترائي موضوع سانديندڙ جان جو هيءُ ڪتاب توڙي جو سندس صحافت جي گهرج پوري ڪرڻ وارو آهي، پوءِ به ان مان جان جو ڪهاڻيڪار ۽ ڪوتاڪار ظاهر ٿيو آهي، لڪي نه سگهيو آهي.

ساڳئي وقت سندس لکڻ جي خودداري پڻ چِٽي ٿيل آهي. ڪنهن به پاسخاطري ۽ خوشامندي لکڻ کان پري رهندڙ جان پنهنجي لکڻ وقت پنهنجي خودداريءَ سان ڪا به ڪامپرومائيز ڪرڻ وارو بلڪل نه هئو.هي ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو هڪ اهم حوالو اهو پڻ آهي، جيڪو جان ڪي پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ گهڻو گهڻو معتبر ڪري بيهاري ٿو. "سفر زندگي جو" ڪتاب اهڙن شخصن توڙي موضوعن جو پاسدار آهي، جيڪي ڪنهن به رنگ روپ ۾ پاسخاطريءَ کان ڪوهين ڏور بيٺل آهن.

پڪ سان جان خاصخيليءَ جي بي ترتيب آتم ڪٿا جون سِڪون پڻ هن جي لکڻين مان لهن ٿيون، ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي وڏي حصي ۾ پنهنجي نه وسرندڙ واقعن سميت جان پاڻ به موجود آهي، ان ڪري هن ڪتاب ڪي سندس ڪهاڻين جي پهرين ڪتاب "گم ٿيل ماڻهوءَ جو سفرنامو" ڪري پڙهڻ بجاءِ آتم جيوني سمجهي پڙهڻ کپي.

330 صفحن جي هن ڪتاب ڪي جنهن سنجيدگي ۽ سچيتائيءَ سان حبيب سنائيءَ ترتيب ڏنو آهي، اهو ڪتاب جي معيار ڪي گهڻو اوچو ڪٺي آيو آهي ۽ اها اميد جاڳائي ويو آهي ته، حبيب، جان جون انگريزيءَ ۾ لکيل ۽ ڇپيل لکڻيون پڻ اهڙي لڳاءَ ۽ پنهنجائيءَ سان سهيڙي پڙهندڙن جي سامهون آڻيندو. هڪ سٺي سهڪاريءَ طور ممتاز خاصخيلي ساڻس گڏ آهي ۽ گڏ رهندو.

نهايت سٺي پني تي ڇپيل هي ڪتاب هٿن ۾ کڻڻ ۽ وري وري پڙهڻ جهڙو آهي. اهڙي شاهدي اهي سڀ دوست ڏيئي سگهندا، جن جان جون لکڻيون پيار سان پڙهيون آهن. منهنجي شاهديءَ ۾ انور ابڙي ڪي ته بيهڻوئي آهي. وڏيڪ شاهديون ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل ڏئي ٿو، جنهن تي ياءُ رئوف نظاماڻي ۽ پياري شاهه محمد پيرزادي جا رايا ڏنل آهن.

سچ پچ مان انهن دوستن ڪي ڀاڳ وارو سمجهان ٿو، جن جي هٿن تائين هيءُ ڪتاب اول پهتو آهي. يقيناً سنڌ جي پڙهندڙن لاءِ هي ڪتاب سٽت مارڪيٽ ۾ موجود هوندو. ائين "جان" اسان جي آڏو پنهنجي لکڻ ۾ ظاهر ٿي بيهندو وڏي آب تاب سان، هڪ تخليقي ڪهاڻيڪار، ڪوتاڪار ۽ جرنلسٽ طور، سنڌي توڙي انگريزي لکندڙ طور. ■

## ڪتاب: جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪرداري نظم _ ليکڪ: حبدار سولنگي

# سنڌيءَ ۾ ڪردارن تي لکيل نظم

روبينه ابڙو



جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ”ڪرداري نظم“ جي اهميت تي ڳالهائڻ، ۽ پوءِ ان ڳالهه کي ڪتابي صورت ۾ ساهُ ڏيڻ، ڪو معمولي ڪم ناهي... حبدار سولنگيءَ جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو رڳو علمي يا تحقيقي نه، پر تخليقي ايمانداريءَ جو به هڪ روشن آهي، ان کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته شاعر خارجي منظر کي داخلي ڪيفيت سان ڪيئن ڳنڍي ٿو. رات، تارا، آسمان، چنڊ... اهي رڳو منظر ناهن، پر جيئرا جاڳندا ڪردار بڻجي وڃن ٿا. اياز هتي فطرت مان هڪ جمالياتي ڪردار جوڙي ٿو، جيڪو پڙهندڙ جي دل جي آرسيءَ ۾ صاف نظر اچي ٿو.

خليل ڪنڀار جو ڳوٺ بابت نظم ۾ به ساڳئي ڪردارسازي آهي. ڳوٺ، شام، کوهه، لوڪ گيت... اهي سڀ علامتون گڏجي هڪ اجتماعي ڪردار بڻجن ٿيون. اهو ڳوٺ رڳو شاعر جو محبوب ڳوٺ ناهي، پر سنڌ جي هر ان ڳوٺ جي نمائندگي ڪري ٿو، جتي فطرت، ثقافت ۽ انساني جذبن جو اڃان به ناتو برقرار آهي.

حسن درس جي ڪرداري نظم ۾ هاري ۽ هارياڻي رڳو فرد ناهن، پر سڄي سماجي نظام جا عڪس آهن. ڪانڌيري جو مرڻ، ڏاندن جو چورائجي وڃڻ، هارياڻيءَ جون رليون سبڻ؛ اهي سڀ ڪردار گڏجي سماج جي بيحسي ۽ ظلم جو نقشو ناهين ٿا. حسن درس ٿوري ڄمار ۾ صدين جو ڪم ڪري ويو، ۽ حبدار سولنگيءَ ان ڪم کي تنقيدي

**هن ڪتاب ۾ ليکڪ حبدار سولنگيءَ جيڪا موضوعاتي چونڊ ڪئي آهي، اها نه فقط نئين آهي، پر نئين فڪري راهه کوليندڙ به آهي. شيخ اياز، حسن درس، سردار شاهه، ادل سومري، احمد سولنگي، آسي زميني، علي دوست عاجز، خليل ڪنڀار، اسحاق سميجي، جعفر جاني، رفيق سيال ۽ ٻين شاعرن جا نظم حبدار سولنگي پنهنجي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن. ليکڪ جي تنقيد ۾ نه ذاتي رنجش آهي، نه ذاتي وابستگي؛ هتي رڳو مَتنُ آهي، ڪردارُ آهي، ۽ انهن جي فڪري اهميت آهي.**

مثال آهي. ”ڪرداري نظم“ سان سندس نياءُ، سندس سنجيدگي، مطالعي جي وسعت ۽ فڪري پختگيءَ جو اعلان آهي.

ان موضوع تي پورو ڪتاب آڻڻ، اهڙي وقت ۾، جڏهن تيز رفتاريءَ واري دور ۾ سطحي پڙهڻ ۽ جلدي نتيجا ڪڍڻ عام ٿي ويا آهن، هڪ نهايت منفرد، محنت طلب ۽ حوصلي وارو قدم آهي.

قلم جو سفر سدائين اڙانگو رهيو آهي. قلم ڪڏهن به رڳو شهرت جو وسيلو ناهي رهيو؛ اهو ته ”مون سين هلي سا، جا جيءُ مِنو نه ڪري“ وارِي عَملي واٽ آهي. اها واٽ تڪليفن، اڪيلائي ۽ خاموش جدوجهد سان ڀريل هوندي آهي. حبدار سولنگي انهيءَ واٽ جو سچو پانڌيڙو لڳي ٿو، هو شاعريءَ جي پوپٽن کي پڙهندي پڙهندي، گلابن جي خوشبوءِ مان گذري، خارجي چِيڻ تائين پهچڻ چاهي ٿو. سندس پڙهڻ، رڳو لطف نه، پر لوچَ آهي؛ سندس سوچ رڳو تعريف نه، پر سوال به آهي.

سندس تحقيق ۽ تنقيد جي تندن مان تصور جو تنبورو جوڙيل محسوس ٿئي ٿو، جيڪو هر ڪردار کي پنهنجي سُر سان وڄائي ٿو. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اڄوڪي دور جي تنقيد ۾، جتي حُسن گهٽ ۽ هٺَ وڌيڪ نظر اچي ٿو، جتي تخليق بدران تخليقڪار ئي نشاني تي اچي وڃي ٿو، اتي حبدار سولنگي پنهنجي ذميواري واقعي به لاٽ ڪٽي نڀائي آهي. هن جي تنقيد ۾ نه ذاتي رنجش آهي، نه ذاتي وابستگي؛ هتي رڳو مَتنُ آهي، ڪردارُ آهي، ۽ انهن جي فڪري اهميت آهي.

تحقيق جو سفر به ”متان ڪا مون سين هلي“ جهڙو نازڪ ۽ صبر طلب سفر آهي.

هڪ مڪمل ڪتاب تائين پهچڻ لاءِ ليکڪ ڪهڙا ڪهڙا مرحلا طئي ڪندو هوندو، اهو رڳو ليکڪ ئي ڄاڻي سگهي ٿو. شايد ڪيتريون ئي راتيون، هُو ستارن کي ڏسڻ کان محروم رهيو هوندو، لکندي لکندي صفحن تي ئي نيڻ نِمائي ٽَڪُ پَچندو هوندو، شايد ڪيترا ئي صبح هُن سج جي نئين آمد سان اک کولي، وري ساڳي محنت، ساڳي وابستگيءَ سان ڪم ۾ لڳي ويندو هوندو. اهڙي ئي مسلسل جدوجهد کان پوءِ ڪو تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب سڦل ٿيندو آهي.

مون جڏهن هي مضمون لکڻ شروع ڪيو، ته مون کي به ڪيترائي ذاتي ڪم ڇڏڻا پيا، ڪيترائي شعر اڌورا ڇڏڻا پيا. ڇو ته ڪتاب پڙهڻ کان سواءِ ڪتاب تي لکڻ، ائين آهي ڄڻ ڪو نابين سج جي تپش محسوس ڪري سمجهي ته سج اڀريو آهي.

مجموعي طور تي ”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪرداري نظم“ هڪ خوبصورت ۽ اهم ڪتاب آهي، جنهن ادبي ميدان ۾ نئين هَوا گهُلائي آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ حبدار سولنگيءَ جيڪا موضوعاتي چونڊ ڪئي آهي، اها نه فقط نئين آهي، پر نئين فڪري راهه کوليندڙ به آهي.

شيخ اياز جو نظم، جيڪو حبدار سولنگي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو






شعور سان پڙهندڙ تائين پهچايو آهي.

ادل سومرو سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکندڙ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو. ”هيمو ڪالاڻي“ بابت سندس لکيل ڪرداري نظم به حبدار پنهنجي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن کي ”هيمو ڪالاڻي“ جو ڪيڏارو ڪوٺي سگهجي ٿو. اهو نظم، ڪرداري نظم جي اوج جو مثال آهي. هيمو ڪالاڻي رڳو هڪ فرد ناهي، پر آزاديءَ جي علامت آهي، جيڪا ڦاهيءَ جي ڦندي کي چمي به گيت ڳائي ٿي. اهو ڪردار وقت کان مٿانهون ٿي وڃي ٿو، جيئن شيخ اياز چيو هو:

”جنهن وقت ٿيو، جنهن تي به ٿيو،
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.“

ان کان علاوه احمد سولنگي جو ”هميرو ڪولهي“ تي لکيل ڪرداري نظم، سردار شاهه جو ”اڪبر بگٽي“ تي لکيل ڪرداري نظم، جعفر جاني جو لکيل ڪرداري نظم ”ماسي حاجل،“ علي دوست عاجز جو ڪرداري نظم ”ڪاڪو جوسب،“ رفيق سيال جو ڪرداري نظم ”شيولي،“ اسحاق سميجي جو ڪرداري نظم ”گدلا چنڊ،“ آسي زميني جو ڪرداري نظم ”موذن“ ۽ ٻين ڪافي شاعرن جا نظم حبدار سولنگي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن.


حبدار سولنگيءَ هن ڪتاب ۾ جيڪي ڪردار چونڊيا آهن، سي سڀ ڪاهوڙي ڪردار آهن؛ هلندڙ، ڦرندڙ، سوال ڪندڙ ۽ پڙهندڙ کي به هلڻ تي مجبور ڪندڙ... تحقيق جو قد هتي ختم نٿو ٿئي؛ تحقيق ته، بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇلائڻ جهڙي آهي، جنهن جون لهرون پري پري تائين وڃن ٿيون.

آخر ۾، حبدار سولنگيءَ کي هن ڪتاب جي اشاعت تي لک آفرين هجي. هن سنڌي ادب جي بيٺل پاڻيءَ ۾ واقعي هڪ پٿر اڇلايو آهي، اهڙو پٿر، جنهن جون لهرون دير تائين محسوس ٿينديون رهنديون. ■

## ڪتاب: حضرت عشق _ ليکڪ: عبدالله ناريجو

# عشق، رنگ در رنگ - خوشبو در خوشبو

فقير محمد ڏول



’عشق‘، بذات خود الاءِ ڇا آهي؟ اها ڳالهه، اهو سوالُ، هر ڪنهن داناءَ ۽ ديواني پنهنجي طور سمجهائڻ ۽ سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ’عشق‘ وري به اڃا تائين سَتن پردن ۾ نه، پر سوَن پردن ۾ ئي ويڙهيل آهي. جنهن جنهن صادق عاشق، جڏهن جڏهن به انهن پردن کي پري ڪيو آهي ته عشق جو هڪڙو نئون رنگ نظر آيو آهي. عشق، رنگ در رنگ يا خوشبو در خوشبو، هڪ نئين ۽ يگاني نموني نڪري نروار ٿي آڏو اچي بيهي ٿو. عشق جو اهو رنگُ ۽ اها خوشبو حُسناڪ ۽ حيرتناڪ هجي ٿي، جنهن کي اظهاري نٿو سگهجي، نه ئي لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو.

عشق جي رنگ، خوشبو، حُسناڪي ۽ حيرتناڪيءَ کي جيڪڏهن اظهاريو به ويو آهي يا لفظن جو روپ ڏنو به ويو آهي، ته به اُهو مڪملتا جي درجي تي فائز ٿيڻ وارو منصب قطعي ماڻي ناهي سگهيو. اها عشق جي طاقت آهي، جنهن پنهنجي پردياريءَ کي ازل کان قائم رکيو آهي ۽ يقيناً ابد تائين اها پرديداري قائم رهڻي آهي.

عشق، اهڙو موضوع آهي، جنهن کان سواءِ دنيا جا سمورا موضوع بي مزا ۽ بي سواد آهن. عشق ۾ قدرت واري ڪا اهڙي لذت رکي آهي، جنهن جو ذائقو بي مثل و بي نظير آهي. ان لذت جو نعم البدل آهي ئي ڪونه. جي ڪٿي سمجهون نعم البدل آهي، ته پوءِ اهو فقيري، مجذوبي، بزرگي، بندگي، چريائي، بيوقوفي ۽........ وغيره وغيره جي صورت ۾ ئي نظر ايندو.

عشق، اها عظيم تخليق آهي، جنهن سان تخليق ڪرڻ واري به لنئون لاتي آهي، پوءِ ان لنئونءَ دوران ڪڏهن عشقَ، هُن سان اُڇايو آهي، ته ڪڏهن هُن، عشق سان اُڇايو آهي. عشق ابتدا کان اهڙوئي اَجهل... اَپر... ۽ زَبرُو رهيو آهي، جيڪو ڪنهن کان به ۽ ڪنهن تان به مُڙي ڪونه ٿو. ڏاڍو زوراور آهي اهو عشق! پنهنجي تخليق ڪرڻ واري سان به زورآزمائي ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ يقيناً اها احسن سگهه به هُن کي اُن ئي عظيم تخليقڪار ئي عطا فرمائي آهي.

عشق، پاڻ ئي پير پري دلين ۾ ائين ڏوڪي ايندو آهي، جو نه خبر پوندي آهي، نه ڪا حُجت هلندي آهي. نه وري ڪو وَسُ هلندو آهي... ۽ عشق جو چَسُ اهڙو آهي، جو عمر ڀر پيو پياڪُ پيئي، ته به اُڃّ نه اُجهيس. لطيف سائينءَ به فرمايو آهي ته:

ڪامان پچان ۽ پڄران لڇان ۽ لوچان،
تَنَ ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيئان نه ڍاپان،
جي سمنڊ مُنهن ڪيان، ته سُرڪيائي نه ٿئي!

اها ته ٿي اُڄ جي ڳالهه، جيڪا ڀٽائي صاحب ڪئي، پر ياد رکو، عشق جو چَسُ وري ڪنهن ٻيءَ شئي ۾، رکڻ واري رکيو ئي ڪونهي. ائين ڪٿي چئجي ته عشق اهڙو بادشاهه آهي، جيڪو رعيت به آهي، جيڪو شاهه به آهي ته گدا به آهي...! جيڪو حُڪم به هلائي ٿو، ته ٻانهپ به ڪري ۽ ڪرائي ٿو، بلڪِ سيکاري ٿو. عشق ’اجگرُ‘ آهي، عشق ’حضرت‘ آهي، جنهن جو مقام اعليٰ ۽ بُلند و بالا آهي، جنهن جو ’رازُ‘ فقط ۽ فقط ’رِند‘ ئي پروڙي سگهن ٿا. آلَ جالَ جي سمجهه جي جاءِ ڪونهي. عشق اصلان اصلي اهڙوئي آهي، پنهنجي تخليق کان وٺي يا شايد ان کان به اڳ کان، ’بُلها شاهه‘ جي ڪافيءَ جيان:

اسان آدم ڪنون اڳي هوياسي، آدم ساڏا ڄايا
انت بحر دي خبر نه ڪائي، رنگيءَ رنگ بڻايا

سائين عبدالله ناريجي جو هيءُ ڪتاب به دراصل عشق آهي، تنهن ڪري ئي ته ڪتاب جو نالو به ’حضرت عشق‘ رکيو ويو آهي، جو عشق جو رُتبو اعليٰ ۽ اُتم آهي، ان ڪري ڪيس پُڪارڻ وارا آبرو ۽ تڪريم وچان ’حضرت عشق‘ ڪوٺيندا ۽ پُڪاريندا آهن يا ’فقير يار علي مري‘ جهڙا عُشاق فقير، راڳ ويراڳ يا ڪچهرين ۾ پنهنجي زبان تان هر گهڙي، هر پل ’صدقي حضرت عشق تان...‘ جو ورد واريندا رهندا هئا.


سائين عبدالله ناريجي صاحب جا هن ڪتاب کان اڳ ۾ به ڪتاب ’امرتا پبليڪيشنس‘ پيش ڪيا آهن. اُنهن ۾ به هڪڙو عشق ئي پنهان هو ۽ آهي، ’هو‘ ان ڪري جو ان عشق ئي سائينءَ کان اهي ڪتاب لکرايا ۽ ’آهي‘ ان ڪري جو اهي ڪتاب منظرعام تي اچي پڌرا ٿي چڪا ۽ هاڻ تاريخ جو حصو آهن. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ناريجي صاحب پاران اسان جي نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندن پلي پار يعني مبارڪ شهر مديني منوره جي عشق جو سڳو سوريل آهي. هڪ ڪتاب جو نالو ’مديني جو مسافر‘ ۽ ٻئي جو نالو ’مديني منوره جي تاريخ‘ آهي...

هيءُ ناريجي صاحب جو ٽيون ڪتاب آهي ۽ مزيدار ڳالهه ته تسلسلِ موضوع ساڳيوئي عشق آهي... وري حيران ڪندڙ ڳالهه اِها ته، هونئن مجازي عشق کان حقيقي عشق ڏي سفر ڪبو آهي، پر سائين عبدالله ناريجي پنهنجي عشق کي حقيقت کان مجاز ڏانهن سفر ڪرايو آهي. هيءُ محبت جو مسافر عام عشاق قطعي ڪونهي، جنهن پنهنجي محبت جي مجازجي حقيقت اچي آڏو رکي آهي. ڀٽائي صاحب چواڻي:

اَڪِ اُلٽي ڏارِ، وَهه اُلٽو عامَ سين،
لوڪ وهي لهوارو، تُون اُوچو وَهُه اوڀارِ،
مَنجهان نُوڄَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرينءَ ڏي!

شايد چوان بلڪِ يقين سان چوان ته، آهي بلڪل ائين ئي... هيءُ ڪتاب سائين عبدالله ناريجي جي پنهنجي ’نِهارُ‘ وارو عشق آهي. هُن عشق کي ڪيئن پَسيو ۽ پرکيو آهي؟ ۽ ڪيئن عشق کي مطالع ڪيو آهي؟ اهو سمورو قصو هن ڪتاب ۾ درج آهي. عشق جا ابتدائي قصا ڪهاڻيون ’ليليٰ مجنون‘ کان وٺي ’مومل راڻي‘ تائين ۽ ’عمر خيام‘ کان ’مير علي نواز ’ناز‘ تائين يا ’قائدِ اعظم محمد علي جناح‘ کان ’ذوالفقار علي ڀُٽي‘ تائين ويجهي ماضي و حال جا عشقيه قصا به هن ڪتاب جي زينت بڻايا اٿائين ۽ وڏي محنت و محبت سان هن ڪتاب کي قلمبند ڪيو اٿائين. اهو ڪم سالن جي اورچائي ۽ تسلسل جي ڪري ئي ڪتاب جي صورت اختيار ڪري سگهيو آهي.






عبدالله ناريجي صاحب جو قلم، جتي عشق جا اوائلي داستان رقم ڪري سگهيو آهي، اُتي هن پنهنجي عشق جو داستان به ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيو آهي. عشق، هر عاشق لاءِ خاص هوندو آهي، سندس جان و مال، عزت و آبرو کان وڌيڪ عزيز... اهڙو عزيز جو اُن تان ’سڀ ڪجهه‘ قربان ڪري ڇڏڻ ’ڪجهه به نه‘ قربان ڪرڻ جهڙي وقعت رکي ٿو. اهو ’حضرت عشق‘ آهي، اها طاقت دنيا ۾ فقط ان کي ئي آهي ته هُوچاهي ته ’سڀ ڪجهه‘ کي ’ڪجهه به نه‘ ڪري ڇڏي يا وري ’ڪجهه به نه‘ کي ’سڀ ڪجهه‘ ڪري ڇڏي. ائين ئي ناريجي صاحب ’سڀ ڪجهه‘ ۽ ’ڪجهه به نه‘ جي وچ ۾ سفر ڪيو آهي. اهو سڀ ڪيئن آهي؟ ان لاءِ هن ڪتاب جي ورق گرداني ضروري آهي.


بهرحال وڌيڪ وٺي وڃڻ بدران آءٌ ناريجي صاحب کي هن ڪتاب جون تمام گهڻيون مبارڪون پيش ٿو ڪريان ۽ مبارڪون ته ڪيس ’حضرت عشق‘ جي جهول ڀري سندس اڱڻ اچڻ تي به ڏيان ٿو ۽ تِهان وڌ مبارڪون ان ڳالهه تي ته موليٰ ڪيس ’راڻيءَ‘ جهڙو ’مُحب‘ ملايو، جنهن ساڻس اهڙو عشق ڪيو، جهڙو سهڻيءَ، ميهار سان، سسئيءَ، پنهونءَ سان، ليليٰ، مجنونءَ سان ۽ هير، رانجهي سان ڪيو. راڻيءَ سندس دل جو درمان ڪيو ۽ ايترو وقت ڏنو، جيڪو ناريجي صاحب منٿن، ڪلاڪن، ڏينهن، مهينن ۽ سالن جي صورت ۾ سربسر ڪتاب ۾ لکي ڇڏيو آهي. اهو سڀ ايترو سوَلو ڪونهي نه ئي عام عاشق ڪوائين عشق سنڀالي سگهي ٿو.

حضرات! هِن ڪتاب ۾ جنهن پيار جو اظهار ڪيل آهي، ان کي پڙهڻ کان پوءِ دعا گهرڻ چاهيان ٿو ته ’راڻيءَ‘ جهڙو پيار ’عبدالله‘ جيان سڀني ’الله جي عبدن‘ کي نصيب ٿئي ۽ ائين ئي حضرت عشق، آبرو ۽ تڪريم سان سڀني وٽ محبتن جا جهول ڀري اچي ۽ ڪڏهن به وڇوڙي جو واءُ نه وَري، نه وِري جدائيءَ جو جهوراڻو دليون جهوري _ آمين. ■

21 مارچ تي ”ٻيلن جو عالمي ڏينهن“ آهي

# سنڌ ۾ 34 لک 26 هزار ايڪڙن تي موجود ٻيلا ۽ معيشت ۾ ٻيلن جو ڪردار

تحرير ۽ تصويرون:
وسيع الدين جوڻيجو



ٻيلا ڪنهن به ملڪ يا علائقي جي ماحولياتي نظام ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ان سان گڏ معيشت ۽ حياتياتي تنوع جي حوالي سان پڻ انهن جي تمام گهڻي اهيمت آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ پنهنجي آسپاس نظر ڊوڙايون ته اسان کي ڪاٺ مان ٺهيل دريون، دروازا، ڊيڪوريشن جو سامان، پارڻ ۽ ٻيو ڪيتروئي سامان نظر ايندو، جيڪو ٻيلن جي وسيلي اسان جي گهرن تائين پهچي ٿو. ٻيو ته، ٻيلا نه صرف انسان ۽ آبادين کي ٻوڏن جي تباهڪارين کان بچائين ٿا، پر اهي موسمياتي تبديليءَ تي قابو پائڻ ۾ مددگار پڻ ثابت ٿي سگهن ٿا. ٻيلن ۾ موجود وڻ ۽ ٻوٽا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي پنهنجي اندر جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، جنهن سان ڌرتيءَ جي گرمي پد ۾ گهٽتائي اچي ٿي. هڪ محتاط اندازي موجب هڪ وڻ عمر، جنس ۽ سائيز مطابق ساليانو 20 کان 50 ڪلوگرام ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪري ٿو.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻيلن کي سياحتي ماڳن جي حيثيت ڏني وئي آهي، جن جي ذريعي اهي ملڪي ۽ غير ملڪي ناڻو ڪمائي ملڪي معيشت ۾ بهتريءَ جو ذريعو بڻجندا آهن. پاڪستان ۾ پڻ اهڙا ٻيلا موجود آهن، جن کي سياحتي ماڳن جي حيثيت مليل آهي. انهن ۾ ڪالام (سوات) جي علائقي ۾ موجود اوشو فاريسٽ، ڪاغان ۾ شاران فاريسٽ، ڏِير ۾ ڪمراٽ جا ٻيلا، مري ۽ گليات جا ٻيلا ۽ چانگا مانگا فاريسٽ قابل ذڪر آهن.

ٻيلن جي اهميت کي نظر ۾ رکندي گڏيل قومن 21 مارچ کي ٻيلن جي عالمي ڏينهن طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. هن سال (2026 ۾) ملهائجندڙ ٻيلن جي عالمي ڏهاڙي جو موضوع ”ٻيلا ۽ معيشت“ آهي، جنهن تحت معيشت جي حوالي سان ٻيلن جي ڪردار کي اجاگر ڪيو ويندو.

عام طور ٻيلن کي صرف ڪاٺ جي پيداوار طور اهميت ڏني ويندي آهي، پر ان سان گڏ ٻيلن ۾ پيدا ٿيندڙ مختلف ٻوٽا، جڙي ٻوٽيون ۽ ٻي جهنگلي حيات ڪنهن به ملڪ لاءِ معاشي طور تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. پاڪستان جي موسمياتي تبديليءَ واري وزارت ۽ گڏيل قومن جي سهڪار سان هلندڙ ”ريڊ پلس“ نالي اداري جي هڪ تحقيقي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ 6000 کان وڌيڪ جهنگلي ٻوٽن جا اهڙا قسم موجود آهن، جيڪي دوائن جي تياريءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. ان کان علاوه ٻيلن مان ملندڙ ماکي، ڪؤنر، جهنگلي ٻير ۽ ٻيون جنسون پڻ معيشت ۾ بهتريءَ جو وڏو ذريعو آهن.

سنڌ ۾ موجود ٻيلن کي ٻن درجن ۾ ورهايو ويو آهي:
الف: پروڊڪٽو يا پيداواري ٻيلا ۽ ب: پروٽيڪٽيڊ يا حفاظتي ٻيلا.

پيداواري ٻيلن ۾ اهي ٻيلا شامل آهن، جيڪي حڪومت لاءِ آمدنيءَ جو ذريعو آهن. انهن ٻيلن ۾ درياهي ٻيلا شامل آهن، جيڪي گڊو بئراج کان سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا تائين درياهه جي ٻنهي ڪپن تي موجود آهن ۽ ٻيا نهري ٻيلا آهن، جن جي آبياري واهن ذريعي ڪئي ويندي آهي. انهن کان علاوه سنڌ جي ڪاڇي وارن علائقن ۽ وارياسن پٽن ۾ باراني ٻيلا به موجود آهن، جن جو دارومدار برساتي پاڻيءَ تي هوندو آهي. انهن ٻيلن ۾ پيدا ٿيندڙ وڻن جو ڪاٺ، قدرتي طريقي سان پيدا ٿيندڙ جڙي ٻوٽيون، ماکي ۽ ٻيون جنسون حڪومت ۽ علائقي ۾ موجود آبادين لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪنديون آهن.

حفاظتي ٻيلن ۾ تمر جا ٻيلا ۽ سنڌو درياهه جي ڪناري تي موجود اهي ٻيلا شامل آهن، جيڪي زمين کي درياهه ۽ سمنڊ کان ٿيندڙ نقصانن کان بچائين ٿا. تمر جا ٻيلا آبي جيوت جي واڌ لاءِ نرسرين جي حيثيت رکن ٿا، جتان مڇي، گانگٽن ۽ ڪيڪڙن جو شڪار حڪومت سان گڏ مقامي ماڻهن لاءِ آمدنيءَ جو سٺو ذريعو آهي. سنڌ ۾ موجود ٻيلا ان لحاظ کان منفرد حيثيت رکن ٿا جو اهي خشڪ ۽ گرم علائقي ۾ موجود هجڻ جي باوجود پنهنجي وجود کي برقرار رکيون اچن پيا.

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مطابق 1825ع ۾ سنڌوءَ ۾ ٻاڦ تي هلندڙ ٻيڙن ۽ 1858ع ۾ ريل جي شروع ٿيڻ سان سنڌ جي ٻيلن جو تجارتي استعمال ٿيڻ شروع ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ 1857ع کان 1895ع تائين بيدرديءَ سان ٻيلا ڪٽيا ويا. ان کان پوءِ ٻي عالمي جنگ دوران انگريزن فوجي مقصدن لاءِ ٻيلن جي بي تحاشا واڍي ڪئي. سنڌو نديءَ تي بيراجن ۽ پلين جي تعمير پڻ ٻيلن کي ڪاپاري ڌڪ رسايو. آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءَ، ڪچي جي ٻيلن مان زرعي مقصدن خاطر وڻن جي واڍي ۽ سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ پيدا ٿيل امن و امان جي خراب صورتحال پڻ درياهي ٻيلن کي تمام گهڻو نقصان پهچائي رهي آهي.

موسمياتي تبديليءَ وگهي پيدا ٿيل پاڻيءَ جي کوٽ پڻ نهري ٻيلن کي نقصان پهچائي رهي آهي. سنڌ ٻيلي کاتي جي ويبسائيٽ مطابق سنڌ جا ٻيلا 34 لک 26 هزار ايڪڙن تي موجود آهن، جيڪي مجموعي طور سنڌ جي زمين جو 9.83 سيڪڙو تي آهن. انهن ٻيلن ۾ درياهي ٻيلن سان گڏ نهري ٻيلا جهڙوڪ، مياڻي فاريسٽ، پٽي فاريسٽ، ڪاٽڙي فاريسٽ ۽ سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا تي تمر جا ٻيلا قابل ذڪر آهن. انهن ٻيلن تي مناسب سهولتون مهيا ڪري سياحت کي هٿي ڏيئي سگهجي ٿي، جنهن سان روزگار جون نيون راهون کلي سگهن ٿيون ۽ ملڪي معيشت ۾ بهتري اچي سگهي ٿي.

هن وقت سنڌ موسمياتي تبديليءَ جي خطرناڪ مرحلي مان گذري رهي آهي، جنهن تي قابو پائڻ لاءِ ٻيلن جي بحالي ۽ وڻن جي وڌ ۾ وڌ پوکي ناگزير ٿيندي پئي وڃي. ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت کي هنگامي بنيادن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. حڪومت سان گڏ سرنديءَ وارن ماڻهن، خاص طور زميندارن تي به اهو فرض آهي ته اهي ان ڏس ۾ حڪومت سان هٿ ونڊائين. ■







---

كتاب: اکين کي قرار ناهي (شاعري) _ شاعر: وفا وڪرم پرمار

# ڪڪوريل اکين جي بيقراريءَ جي شاعري

دولت رام کتري



ٿر جي نوجوان وفا وڪرم پرمار جي شاعريءَ جو ڪتاب ”اکين کي قرار ناهي“ تازو ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي، جنهن ۾ غزل، نظم ۽ وائيءَ جون صنفون شامل آهن. شاعريءَ ۾ غزل منهنجي پسنديده صنف رهي آهي. سنڌ ۾ جيڪي غزل جا بهترين شاعر ليکيا وڃن ٿا، انهن ۾ اياز گل، وفا ناٿن شاهي، آٿم ناٿن شاهي ۽ سائينداد ساند جا نالا قابل ذڪر آهن. وفا وڪرم پرمار جيتوڻيڪ غزل جي صنفَ سان نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، پر بحر وزن جي حوالي سان سندس غزلن ۾ ڪٿي ڪٿي جهول نظر اچن ٿا، پر هن جيڪي تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن، اُهي ڪمال جا آهن. تنهن ڪري سندس غزل پڙهڻ جهڙا آهن.

”ديد تنهنجي ۾ دلبري، اکين کي قرار ناهي
هر وقت هر گهڙي، اکين کي قرار ناهي

خوبصورت ڪاريون ڇا ته ڪڪوريل هُيون
مرض محبت ۾ ٻري، اکين کي قرار ناهي.“

وڪرم پنهنجي شاعريءَ ۾ رومانس سان گڏ مختلف ڪيفيتن ۽ حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. درد جون مختلف ڪيفيتون سندس شاعري جو موضوع رهيا آهن. اڪيلائي جو درد، وڇوڙي جو ورلاپ ۽ ڌرتي جا ڏک ڏولاوا، هن کي پنهنجا ڏک محسوس ٿين ٿا. اُنهي ڪري هُو پنهنجي شاعري ۾ سنڌوءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ سنڌو جي سُڪل سيند تي ڏکارو بڻجي وڃي ٿو:

”نه چوڙي جي وڃت نه ڇير جو ڇمڪو آ
رڳو ماتار ڇانيل نه هنيلو ٻڏو ٺهڪ ڪو آ

پکي پيا واپس ورن سنڌو جي ڪنارن تان
شايد سُڪل سيند سنڌو جي نه ئي پاڻي ڇندو آ.“

هيءَ سنڌ جيڪا اسان جي محبتن جو ڀرم آهي ۽ سنڌو اسان جو جياپو آهي. اَن سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي لاءِ وفا وڪرم پرمار هي سٽون تخليق ڪيون آهن:

”نئين سنڌ جو ڪو نئون باب لکجي
اتم داستان هزارين پر ڪو نئون ڪتاب لکجي

متي جي ماضي جا سڀ ورق ڦلهوري
تاريخ تهذيب جو ڪو نئون نصاب لکجي

سنڌ صدين کان سُورن ۾ پئي پيڙهجي
وڏي واقعي ڪُوڪرون ڪو نئون عذاب لکجي.“

هنن سٽن ۾ مزاحمت جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. اڳتي لکي ٿو:

”ڇپن جي خاموشي جا ڇڏيو تالا ٽوڙي،
اُتو اتحاد ڪري پرمار سڌو جواب لکجي.“

وفا وڪرم جي شاعريءَ فطرت جا رنگ به نمايان نظر اچن ٿا. هُو ٿر پٽن جي ٿڏڙين راتين، مينهوڳي مُند ۾ مورن جي ٽهوڪن ۽ وسڪاري جي آمد جي لوڪ گيتن کي وساري نٿو، پر انهن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻائي ٿو:

”وريا وسڪارا وسي پيا مينهڙا،
لٿا ڏڪر ڏينهڙا خوش ٿيا ڏوٿيڙا.
❋
پُسي ڏونئرا پڪا
ڏيهه سڄي ۾

آنسوٽا اڪ ڪونيٽ
ڪيا رنگ ريٽا
ڏيهه سڄي ۾،

گانگهيٽي گوريو گُگر
روهيڙا ٿيا رتا
ڏيهه سڄي ۾.“

ٿر ۾ مختلف موسمن ۾ پيدا ٿيندڙ پُسي، ڏونئرا، آنسوٽا، لُلر، لنب، لوڙڪ ۽ پپون: ٿريا وڏي شوق سان کائيندا آهن، انهن جو ذائقو به ڏاڍو مزيدار هوندو آهي. هِن شاعر انهن کي به پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻايو آهي.

”پٽون پوريون پلاريون
منَهنجي ديس ملير جون.“

وفا وڪرم پرمار يونيورسٽي ۾ گهاريل خوبصورت لمحن کي به نٿو وساري. هُو يونيورسٽي جي ڪاريڊور ۾ گونجندڙ انهن ٽهڪن کي ياد ڪري ڪجهه هن ريت لکي ٿو:

”ورسٽي جون شامون دلڪشِ بهارون،
اڃان نه وسريون ٽهڪن جون اڏارون.“

هيءُ خوبصورت احساس رکندڙ شاعر، سٺو لکڻ جي جستجو ۾ آهي. جيتوڻيڪ سندس شاعريءَ جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، ۽ ممڪن آهي ته سندس شاعريءَ ۾ ڪٿي جهول به هجن، تنهن هوندي به اسان کي پنهنجن هِنن نوجوانن جي همٿ افزائي ڪرڻ گهرجي. ■





# ڪاڇي ۾ ميلو

رپورٽ ۽ تصويرون:
عباس جنگواڻي



ڪاڇو، سنڌ جي ٽر جيان هڪ پنتي پيل علائقو ضرور آهي، پر ان جو شاهوڪار ڪلچر ۽ روايتون هن جي خوبصورت سڃاڻپ آهن. هِتان جا ماڻهو پنهنجي ثقافتي سونهن به صدين کان سنڀاليندا پيا اچن. پر جيئن ته هتان جون ادبي ۽ ثقافتي روايتون، گهڻي حد تائين محدود ماڻهن تائين پهچنديون رهيون آهن، تڏهن ئي هن علائقي جي باشعور شخصيتن ڪاڇي ۾ "ڪاڇو فيسٽيول" منعقد ڪرڻ شروع ڪيو آهي. گذريل مهيني "ڪاڇو لوڪ ادب ورثو ويلفيئر آرگنائيزيشن" طرفان منعقد ڪيل "ڪاڇو فيسٽيول" اڳ کان وڌيڪ ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز رهيو، ۽ جنهن ۾ مقامي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

ٻن ڏينهن واري هن فيسٽيول جي شروعات ڪاڇي جي شهر هيرو خان ۾ مقامي راندين سان ٿي، جنهن جو افتتاح ڪاڇي جي شهر، جوهيءَ سان تعلق رکندڙ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ڊاڪٽر سجيلا منظور لغاري ۽ لوڪ ادب ورثو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سربراهه ۽ صحافي شبير لاشاري ۽ عباس جنگواڻي ڪيو.



ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته، "موجوده دور ۾ ڪاڇي مان روايتي رانديون جهڙوڪ ملهه، ڪوڏي ڪوڏي، ونجهه وٽي ۽ ڏاڪي جهومر سان گڏ ائن جي ڊوڙ ختم ٿينديون پيون وڃن، تنهن ڪري انهن کي بچائڻو پوندو، جيئن اسان جي مستقبل جو نوجوان پنهنجي ثقافتي ورثي توڙي انهن دلچسپ راندين جي ورثي کان واقف به رهي ۽ انهن کي اڳتي به وڌائي.



ميلي جي باقاعده شروعات اُٺن جي ڊوڙ سان ٿي. ان بعد ملاکڙو ٿيو، جنهن ۾ ڪاڇي جي مختلف ڳوٺن سان تعلق رکندڙ ملهه پهلوانن حصو ورتو. ان بعد ٻيون رانديون ٿيون. ڪاڇي جي مقامي فنڪارن پڻ ڪاڇي جي امن، سڪار ۽ خوشحالي متعلق گيت ڳائي ماڻهن جي چهرن تي مرڪون وکيريون.

ميلي جي ٻئي ۽ آخري ڏينهن تي منعقد ٿيل پهرين ويهڪ جي صدارت دادو ۽ جوهيءَ مان چونديل قومي اسيمبليءَ جي ميمبر رفيق احمد خان جمالي ڪئي، خاص مهمانن ۾ سينئر صحافي قادر لاشاري، ڪاڇو لوڪ ادب ورثو ويلفيئر آرگنائيزيشن جو باني شبير لاشاري ۽ تعلقي جوهيءَ جو چيئرمين ڊاڪٽر بنده علي خان لغاري شامل هئا، جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ ڪراچيءَ مان آيل سنڌي قومپرست اڳواڻ آصف بالاديءَ سان گڏ نالي وارا صحافي: شڪيل سومرو، رياض سهيل ۽ فهميد رياض شامل هئا. انهن سڀني ڪاڇو فيسٽيول کي اهم قرار ڏيندي، عام ماڻهن ۾ پنهنجي ثقافت سان جڙڻ ۽ جديد شعور حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو قرار ڏنو.

مقالن واري ويهڪ ۾ ادب تي پي ايڇ ڊي ڪندڙ ڊاڪٽر رفيق بلوچ، نور احمد سومرو، نالي واري شاعر خليل عارف سومرو ۽ ٻين ڪاڇي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ ماحوليات بابت ڳالهايو. انهن چيو ته، سنڌ سرڪار ڪاڇي جي قديم ماڳن مڪانن کي قومي ورثي ۾ شامل ڪري، جيئن ڪاڇي جا تاريخي ماڳ مڪان سياحت جو مرڪز بڻجي سگهن. ان سان گڏ گورک، منڇر، بنجو آبشار ۽ پيراسر جهڙن سياحتي ماڳن جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيئي انهن کي سياحت لائق بڻايو وڃي.

ان موقعي تي اهو به مطالبو ڪيو ويو ته ڪاڇي مان ڪندي، جار، جاڳري ٻيرن ۽ ٻبرن سميت مقامي وڻن جي واڍي بند ڪرائي وڃي، جيئن ڪاڇي جهڙي گرم علائقي کي وڌندڙ گرمي پد کان محفوظ رکي سگهجي.







ميلي جي مقررين جو اهو به مطالبو هئو ته، ڪاڇي جي صديون پراڻن ڳوٺن ۽ زرعي، باراني زمينن ۽ چراگاهن کي روينيو کاتي جي مدد سان سنڌ ڳوٺ آباد اسڪيم تحت رجسٽرڊ ڪري ماڻهن کي مالڪاڻا حق ڏنا وڃن.

انهن سيشن جو ماڊريٽر عباس جنگواڻي (راقم الحروف) هئو، جڏهن ته ٻئي سيشن جي ماڊريٽر محترمه فهميده رياض هئي، جنهن ۾ سينئر صحافي شڪيل سومرو، رياض سهيل ۽ سماجي اڳواڻ معشوق برهماڻي مهمان طور شرڪت ڪئي. انهن ڪاڇي جي آبي وسيلن، معدنيات ۽ موسمي تبديلي متعلق ڳالهايو. هنن چيو ته، هر سال ڪروڙين روپيا ڪاڇي ۾ تيل ۽ گئس جي مد ۾ ترقي جي نالي تي رکيا ٿا وڃن، پر اها رقم ڪاڇي جي عوام تي خرچ نه ٿي ٿئي. نالي وارن صحافين ڪاڇي ۾ تيزيءَ سان گهٽجندڙ پاڻي جي وسيلن ۽ وڌندڙ گرمي پد تي به ڳالهايو ۽ چيو ته ان جا ڪاڇي ۾ ماحول تي انتهائي خراب اثر پئجي رهيا آهن.

ميلي جو ٽيون سيشن "ڪاڇي جا ڪوهه نور" جي عنوان سان ٿيو، جنهن ۾ علائقي جي عوامي شاعرن: احمد خان مدهوش، طالب لغاري ۽ انور قمبراڻي بابت ڳالهايو ويو. ان سيشن ۾ ڪاڇي سان تعلق رکندڙ عوامي شاعر علي حسن ٻبر، سنڌ يونيورسٽي دادو ڪئمپس جي اڳوڻي پرو وائس چانسلر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه، اڪبر لاشاري، اسلم آزاد لغاري ۽ خليل عارف سومري پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. انهن "ڪاڇي جي ڪوهه نور شاعرن" جي زندگي ۽ ادبي ڪم تي ڀرپور روشني وجهي، انهن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. هن ميلي ۾ سنڌ جي مشهور فنڪار: منظور سخيراڻي پڻ خاص طور شرڪت ڪئي ۽ انور علي قمبراڻيءَ جا يادگار گيت ڳاتا. هن سيشن جو ماڊريٽر رشيد لغاري هئو.

مشاعري ۾ نالي وارن شاعرن: تابش بخاري، علي حسن ٻبر، خليل عارف سومرو، فقير ياسين ٻبر، ٻاجهي لغاري، مير محرم لغاري، شرف الدين پنهور، ابراهيم ملاح، ساگر ڪوري، جاني جان محمد ۽ تنوير ڪنگراڻي شاعري ٻڌائي وڏو داد حاصل ڪيو. هن ميلي ۾ "سگهڙ ڪچهري" به ٿي، جنهن ۾ ڪاڇي جي سگهڙن: ساوڻ فقير چانڊيو، عبدالرحيم بروهي ۽ محمد شريف برهماڻيءَ ڏور، بيت ۽ ڳجهارتون ڏيئي، ڪاڇي واسين کي ذهني طور تازو توانو ڪري ڇڏيو. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي، جنهن ۾ نالي وارن فنڪارن: لهڻو ٻبر، عاشق ميرالي، عبدالله برهماڻي، فقير حمل چانڊيو، لڪي اصغر ڪوسو، محسن ڪوسو ۽ شبير لاشاريءَ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو.

ڪاڇو فيسٽيول ۾ مدهوش ٿهيم ۽ سندس نياڻي ڪتابن جا اسٽال لڳايا هئا، جڏهن ته ڪاڇي جي سگهڙ عورتن پرٽ وارن ڪپڙن جي نمائش ڪئي هئي. ■

# اڄ جون ڇوڪريون

صوفي ذوالفقار علي جانوري



جيڪڏهن اسان ٿورو وقت ماضي ۾ ويندا سين ته، اسان جي ڇوڪرين/عورتن جون ٻانهون ڳاڙهين، ڪارين، اڇين، ساين، ناسي ۽ نيري رنگ جي چوڙين سان ڀريل ملنديون هيون. جڏهن گهر ۾ والد، وڏو ڀاءُ، سئوٽ، ماسات، ڀڄاڻ يا ڪو مهمان آيل هوندو هو ته، چوڙين جو ڇنگ جيئان وڄندڙ آواز انهن کي عورتن جي موجودگي جو احساس ڏياريندو ۽ کين هڪ حد ۾ رهڻ لاءِ خبردار ڪندو هو. انهن ڏينهن جي ڇوڪرين/ عورتن جي ڪنڌ ۾ سونهري زنجيري ۽ ڪنن ۾ طوطي جي ڀڇرن جهڙا جهومڪ پيل هوندا هئا. وري سندن نڪ ۾ ٻيريا ڪرڙ جو هلڪو


تصوير سنڌ ڪوريئر تان ورتل

سڙيل ڪندو ۽ مٿي تي اڇي رنگ جي سيفون جي ڳندي ۽ وڏا ٿلها ڪپڙا پاتل هوندا هئا. ان باوجود به اهي چوڏهينءَ جو چنڊ لڳنديون هيون.

جڏهن سالن بعد اهي ڪڏهن شهر وينديون هيون ته پنهنجي لاءِ مساڳ ۽ پرفيوم پڻ وٺي اينديون هيون، جنهن جو اڪثر استعمال عيد يا شادين جي موقعن تي ڪنديون هيون. سندن وارن جي چوٽي (جيڪا اهي اڪثر منجهند مهل، گرمين جي موسم ۾ ڪنهن وڻ هيٺان ويهي، ڪچهري ڪندي پنهنجي ماءُ يا وڏي ڀيڻ کان ڪرائينديون هيون) کين وڌيڪ سهڻو بڻائيندي هئي، ۽ جڏهن ڳندي سندن مٿي تي هوندي هئي ته، هر ايندڙ مهمان کين ڏيءَ ۽ ڀيڻ تصور ڪندي سندن مٿي تي هٿ رکي ملندو هو، جيڪو اسان جي تهذيب جو حصو آهي.

ڀهراڙي جون ڇوڪريون لابارن يا ڦٽين جي چونڊي مان وانديون ٿينديون هيون ته پنهنجي بابا يا وڏي ڀاءُ کان پائوڊر ۽ تبت ڪريم جون دٻيون گهرائي مُنهن تي هڻنديون هيون ته ڳلاب جو گل ٿي پونديون هيون.

پر جيڪڏهن اسان اڄ جي ڇوڪرين/ عورتن تي نظر وجهون ته نه سندن ٻانهن ۾ اهي ڇنگ وڄائيندڙ رنگ برنگي چوڙيون نظر ٿيون اچن، نه ڪنڌ ۾ زنجيري، نه ڪن ۾ جهومڪ، نه نڪ ۾ ڪندو ۽ نه ئي سندن مٿي تي ڳندي.

ها اسان جو معاشرو دنيا سان گڏ ڀلي ترقي ڪري، ان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي، پر اسان کي پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب کي هٿان ناهي ڇڏڻو. ها جيڪڏهن وقت سان گڏ ثقافت ۾ ڪنهن تبديلي جي ضرورت هجي ته اها ڪن ۽ پنهنجي ثقافت کي ڪمزور ٿيڻ کان بچائين. ■

